جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTI_
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | سومر 14 سيپٽمبر 2026ع بمطابق پهرين ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 333

سنڌ حڪومت صحت ۽ تعليم کي عوام جي بنيادي حقن جي حيثيت ڏني آهي: شرجيل انعام ميمڻ

اين آءِ سي وي ڊي سنڌ حڪومت جي ”صحت سيني لاءِ“ واري ويزن جي عملي شڪل آهي 47 لک 40 هزار 941 مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي

سنڌ مان 41 لک 84 هزار 950 مريض اين آءِ سي وي ڊي مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن، سنڌ حڪومت دل جي علاج جون جديد ۽ مفت سهولتون سنڌ جي مختلف شهرن تائين پهچايون آهن

اين آءِ سي وي ڊي جي سيٽلائيٽ يونٽن ذريعي دل جي علاج جون سهولتون سنڌ جي مختلف علائقن تائين فراهم ڪيون پيون وڃن: شرجيل انعام ميمڻ

سائبر نائف ذريعي سنڌ ۾ ڪينسر جي مريضن کي جديد ۽ جديد ترين علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

سنڌ ۾ سائبر نائف جهڙي جديد طبي سهولت جو قيام عوام کي عالمي معيار جي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ واري حڪومت جي عزم جو ثبوت آهي

ايس آءِ يو ٽي سنڌ ۾ غريب ۽ مستحق مريضن کي مفت علاج فراهم ڪندڙ هڪ قابلِ فخر ادارو آهي، جتي پيچيده بيمارين جي علاج سميت جديد طبي سهولتون بنا ڪنهن فرق جي فراهم ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت صحت ۽ تعليم کي عوام جي بنيادي حقن جي حيثيت ڏني آهي. اين آءِ سي وي ڊي سنڌ حڪومت جي ”صحت سيني لاءِ“ واري ويزن جي عملي شڪل آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته 47 لک 40 هزار 941 مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌ مان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

في ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا رعايت، وزيراعظم پاران نئين اسڪيم جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف في ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا رعايت ڏيڻ واري خاص رٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب عوام تي پونڊڙ بار جو ڪيس پورو احساس آهي موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ ننڍين گاڏين لاءِ خاص رعايتي رٽ شروع ڪري رهيا آهيون: شهباز شريف

موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين گاڏين وارن کي في ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا رعايت ڏني ويندي 800 سي سي تائين گاڏين جي مالڪن کي هر مهيني 30 ليٽر پيٽرول تي في ليٽر 100 رپيا رعايت ڏني ويندي

گاڏي واري هنڌ اسلام آباد جي حدن اندر پيٽرول تي رعايت ايندڙ سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات کان لاڳو ڪئي ويندي سڄي پاڪستان، جنهن ۾ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان به شامل آهن

اتي رعايت اربع ۽ خميس جي وچ واري رات کان لاڳو ٿيندي خاص رعايتي رٽ لاءِ رجسٽريشن اڄ کان شروع ڪئي وئي آهي، رعايت حاصل ڪرڻ جو طريقو آگاهي مهم ذريعي عوام تائين پهچايو ويندو

رٽ لاءِ رجسٽريشن جي سلسلي ۾ موٽرسائيڪلن، رڪشائن ۽ ننڍين گاڏين بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ تي صوبن جا ٿورائتا آهيون

اسلام آباد(بيورو)وزيراعظم شهباز شريف في ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا رعايت ڏيڻ واري خاص رٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب عوام تي پونڊڙ بار جو ڪيس پورو احساس آهي موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ ننڍين گاڏين لاءِ خاص رعايتي رٽ شروع ڪري رهيا آهيون. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

نيشنل چيمپين ايٿليٽ فائق رياض حڪومتي سرپرستي کان محروم

ڪراچي (م د)نيشنل چيمپين اسپرنٽر فائق رياض ايشين گيمز ۾ حڪومتي خرچ تي شرڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

تحريڪ انصاف ۾ اندروني اختلاف شدت اختيار ڪري ويا

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ اندروني اختلاف شدت اختيار ڪري ويا، خيبرپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

مسلم ليگ ن پنجاب ۾ مڪاني چونڊن جون تياريون شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

مسلم ليگ ن پنجاب جي صدر راڻا ثناءُالله جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پارٽي عهديدارن کي چونڊن جون تياريون شروع ڪرڻ جي هدايت

ان ڪانسواءِ راڻا ثناءُالله پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ ڊويزن، ضلعن، تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تي ڀرپور مهم هلائڻ جي هدايت

تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تي ڀرپور مهم هلائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ نون صوبن واري معاملي تي پڻ ڳالهايو ويو

ڪراچي(رپورٽر) مسلم ليگ ن پنجاب ۾ مڪاني چونڊن جون تياريون شروع ڪرڻ جو فيص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

آمريڪا ۾ همت آهي ته ايراني فوج جو مقابلو ڪري: ايراني صدر

ايراني صدر بنيادي ضرورتن تائين رسائي محدود ڪرڻ تي به آمريڪا تي تنقيد ڪئي

جيڪڏهن آمريڪي انسانيت تي يقين رکن ٿا، ته پوءِ ماڻهن کي پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن تائين رسائي کان ڇو محروم رکيو پيو وڃي؟

تهران (م د) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ يو اين وومين پاڪستان وچ ۾ عورتن کي با اختيار بڻائڻ لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

ڪين معاشرتي، اقتصادي ۽ عوامي زندگي ۾ اثرائتو ۽ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ آهي

عورتن کي با اختيار بڻائڻ ۽ انهن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ سميت تجربن ۽ معلومات جي مٽاسٽا ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود خان جي صدارت هيٺ منعقد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ يو اين وومين پاڪستان وچ ۾ عورتن کي با اختيار بڻائڻ لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون وڃن

ايئرپورٽ تي ويڪسينيشن سينٽر تي عمره زائرين جي رش

عمري جي زائرين جي سهولت لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ جو ويڪسينيشن سينٽر آچر جي ڏينهن به کليل رهندو

ڪنهن سهولت مرڪز (فيسيليٽيشن سينٽر) ذريعي بايو ميٽرڪ عمل مڪمل ڪري وٺن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ تي قائم ويڪسينيشن سينٽر تي عمري جي زائرين جي رش هئي. باربر هيلٿ سروسز جي فوڪل پرسن، غلام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

جمال صديقي جي ڪار ڪورنگي ڪراسنگ وٽان چوري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڪورنگي ڪراسنگ واري علائقي مان اڳوٽي ايم پي اي جمال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

گڊز ٽرانسپورٽرز 3 ڏينهن ۾ ڀاڙا 40 سيڪڙو وڌائي ڇڏيا

پيٽروليم شين جون قيمتون ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 400 روپين جو فگر ٽپي ويو

راولپنڊي (م د) ٽن ڏينهن ۾ گڊز ٽرانسپورٽرز ڀاڙن ۾ 40 سيڪڙو اضافو ڪري ڇڏيو. پيٽروليم شين جون قيمتون ملڪي تاريخ ۾ پهريون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پيٽروليم ليوي جو پيٽرول جي قيمت سان ڪو به تعلق ناهي: حافظ نعيم الرحمان

هڪ مافيائي نظام تحت ڪجهه ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ عوام سان ظلم ڪيو پيو وڃي. عوام پيٽروليم ليوي کي ’ڀتو ٽيڪس‘ قرار ڏنو آهي

هر گذرندڙ ڏينهن سان ڌرڻن ۾ عوام جي شرڪت وڌي رهي آهي، سڄي ملڪ ۾ جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن

ڪراچي(رپورٽر) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمٰن پريس ڪانفرنس ڪندي

مصطفيٰ ڪمال مناظري لاءِ چوي ته اڄ به تيار آهيان: مرتضيٰ وهاب

مصطفيٰ ڪمال ٽڏي ڪمري ۾ ويهي پريس ڪانفرنسون ڪندو آهي، هو هفتي ۾ رڳو هڪ ڏينهن ڪراچي ايندو آهي مونکي مخالفن کان حمايت جي اميد ناهي: ميئر ڪراچي

جمهوريت جي تاريخ ڏسي وٺو، مخالفت ٿيندي آهي. ڪراچي وارا بوري بند هڙتالن ۽ تشدد وارو ڪراچي نٿا چاهين، هاڻي ڦيٿو جام نه هلندو 300 ارب رپين جي منظوري جا ڪاغذ ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته اها رقم ڪڏهن ۽ ڪهڙي ڪائونسل مان منظور ڪرائي وئي

مصطفيٰ ڪمال جلد ڪاوڙ ۾ اچي ويندو آهي، هو صحت وارو وزير آهي، پنهنجي صحت جو به خيال رکي، ايم ڪيو ايم ۽ پيپلزپارٽي جي سوچ مختلف آهي، شادمان ٽائون ۾ ڪچري جي ڍير کي پارڪ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي شادمان ٽائون ۾ ميئر مرتضيٰ وهاب پارڪ ۽ آءِ ٽي سينٽر جي بحالي واري منصوبي جو افتتاح ڪيو. منصوبو هڪ ڪروڙ 45 لک رپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي. مرتضيٰ وهاب ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شادمان ٽائون ۾ ڪچري جي ڍير کي پارڪ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هڪ ايڪڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ايم ڪيو ايم عوامي حمايت وڃائڻ کان پوءِ صوبي جو ڪارڊ کيڏي رهي آهي: قادر پٽيل

ايم ڪيو ايم جڏهن به عوامي حمايت وڃائي آهي، تڏهن ئي ورهاڱي ۽ نئين صوبي جو شوشو ڇڏيو آهي

مصطفيٰ ڪمال ماضيءَ ۾ پاڻ خالد مقبول صديقيءَ کي ڀارتي ڳجهي ايجنسي ”را“ جو ايجنٽ قرار ڏئي چڪو آهي

خالد مقبول صديقي وضاحت ڪن ته مصطفيٰ ڪمال ان وقت ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو يا اڄ سچ ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر قادر پٽيل چيو آهي ته ايم ڪيو ايم بدترين ناڪاميءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر صوبائي ڪارڊ کيڏي رهي آهي. ايم ڪيو ايم جڏهن به عوامي حمايت وڃائي آهي، تڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: ملائشيا جي قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم ايجوڪيشن فيئر پاڪستان جو افتتاح ڪندي

اڇڪزئي ۽ مينگل ملاقات ۾ ملڪي صورتحال تي ڳالهيون

ملاقات ۾ بلوچستان ۽ ملڪ جي گڏيل سياسي، علائقائي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

15 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيل تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سربراهي اجلاس جي حوالي سان به مشاورت ڪئي وئي

ملاقات ۾ آئنده جي سياسي لائحه عمل ۽ گڏيل مشاورت کي اڳيان وڌائڻ بابت معاملا به غور هيٺ آيا

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سربراهه ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي بلوچستان نيشنل پارٽي جي سربراهه سردار اختر جان مينگل سان سنڌس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ بلوچستان ۽ ملڪ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڌاٻيجي بريڪ ڊائون، پاڻي فراهمي متاثر ٿيڻ جو امڪان

صبح 6 وڳي ڌاٻيجي مختلف فيزز ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي، ڪي اليڪٽرڪ ڌاٻيجي تي بجلي جي بندش جو سبب ڪيبل فالٽ قرار ڏئي ڇڏيو

بريڪ ڊائون سبب ڌاٻيجي جي ٿرڊ فيز، فورٿ فيز ۽ ڪي ٿري پمپ هائوس جي بجلي بند ٿي وئي

10 پمپ بند هجڻ سبب ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي جزوي طور تي متاثر ٿيڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ڪي اليڪٽرڪ جي سسٽم ۾ ڪيبل فالٽ سبب ڌاٻيجي تي بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو آهي. واٽر ڪارپوريشن طرفان جاري ڪيل بيان موجب صبح 6 وڳي ڌاٻيجي مختلف فيزز ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي، ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

رينجرز ۽ سي ٽي ڊي جو آپريشن، ’فتنه الخوارج‘ جو دهشتگرد مارجي ويو

مارجي ويل دهشتگرد ضياءُ الرحمان عرف سيف الله جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو

مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق خيبر پختونخواهه جي علائقي باجوڙ سان هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گل بائي شير شاهه ۾ رينجرز ۽ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ جي گڏيل آپريشن دوران ’فتنه الخوار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

موجوده نظام وڌيڪ ملڪ نٿو هلائي سگهي: مصطفيٰ ڪمال

ارڙهين ترميم کانپوءِ صوبن وسيلن جو ناجائز فائدو ورتي محروميون وڌايون آهن: ايم ڪيو ايم اڳواڻ

موجوده نظام تحت ننڍن انتظامي يونٽن جو قيام ناگزير ٿي چڪو آهي جنهن سان اختيار منتقل ٿيندا

شهرين کي بنيادي سهولتن کان محروم رکي جعلي ڊوميسائل ذريعي حق تلفي ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ ۽ وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان ۾ انتظامي جوڙجڪ ڪئي وڃي، جيئن اختيار ۽ وسيلا ملڪ جي هر شهري جي در تائين پهچي سگهن. نجي ٽي وي موجب هن ڪورنگي ٽائون ۾ انتظامي يونٽن جي قيام لاءِ عوامي رابطا مهم کي خطاب ڪندي چيو ته صو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ ۾ ايم ڊي ڪيٽ امتحان 20 سيپٽمبر تي ٿيندو، 8 سينٽر قائم

ڪراچي، حيدرآباد، ڄامشورو، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد، لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ ٽيسٽ سينٽر قائم ڪيا ويا

اميدوار پنهنجي سڃاڻپ ڪارڊ جي آءِ ڊي ذريعي ايڊمٽ سلپون ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ايم ڊي ڪيٽ 2026 جو امتحان 20 سيپٽمبر تي ٿيندو، ايس ٽي ايس موجب ايم ڊي ڪيٽ اميدوارن لاءِ ڪراچي، حيدرآب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڀارت جي پاڪستان کي دهشتگردي سان جوڙڻ جي ڪُڏي ڪوشش ناڪام

ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم پاڪستان کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ کان صاف انڪار ڪيو

ملائيشيا جي سلامتي وارن ادارن ڪيس اهو نه ٻڌايو آهي ته پاڪستان جي رياست دهشتگردي سان ڳنڍيل آهي

برڪس سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارت جي دوري تي آيل ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ڀارتي ميڊيا کي انٽرويو

غزه ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪئي. انور ابراهيم فلسطين تي اسرائيلي قبضي جي خاتمي جو مطالبو

ممبئي (م د) ڀارت جي گودي ميڊيا ڀاران ملائيشيا جي وزيراعظم جي انٽرويو دوران پاڪستان کي دهشتگردي سان ڳنڍڻ جي هڪ ڀي ڪُڏي ڪوشش ناڪام ٿي وئي. ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم پاڪستان کي دهشت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

واپار جي وفاقي وزير پاران هانگ ڪانگ جنرل چيمبر آف ڪامرس جو دورو

وفاقي وزير دوري دوران هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري جي اهم شخصيتن سان پڻ ملاقاتون ڪيون

ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين وچ ۾ سڌي ريت رابطن کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون

خاص طور تي ماليت، هوابازي ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۾ مهارت ذريعي ڪئين فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو

ٻرين گڏيل سهڪار کي هٿي وٺائڻ، رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ٽرانزٽ روٽس جي ترقي لاءِ ”بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو“ جي اهميت تي پڻ روشني وڌي

هانگ ڪانگ (بيورو) واپار جي وفاقي وزير جام ڪمال خان هانگ ڪانگ جنرل چيمبر آف ڪامرس جو دورو ڪيو جتي هن چيمبر جي چيئرمين ۽ نمايان ڪاروباري نمائندن سان ملاقات ڪئي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪاروباري سطح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

هانگ ڪانگ: واپار جي وفاقي وزير پاران هانگ ڪانگ جنرل چيمبر آف ڪامرس جو دورو ڪندي

منگهوپير ۾ روشم جي وارثن جو ڌرڻو ڇهين ڏينهن به جاري

اي آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ۽ ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي رات دير سان منگهوپير پهتا

پر مقتول جي وارثن قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) منگهوپير ۾ روشم جي وارثن جو ڌرڻو ڇهين ڏينهن به جاري، قاتلن جي گرفتاري تائين تدفين کان انڪار منگهوپير ۾ ڌاڙيلن ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

جوهر ۾ ڦرواقعو، گارڊ جي فائرنگ ۾ ڦورو مارجي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ منور چورنگي ويجهو هڪ شادي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي تقريب ۾ سرٽيفڪيٽ تقسيم ڪندي

اسٽڊي اِن ملائيشيا ايجوڪيشن فيئر پاڪستان 2026ع جو ڪراچي جي آواري ٽاورز ۾ افتتاح

ڪراچي(رپورٽر) ملائيشيا ۾ اعليٰ تعليم جي موقعن بابت پاڪستاني شاگردن کي آگا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

تخمين ابراهيم جونيجو ۽ محترم امبر پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات ۽ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سردار عطاالله مينگل جي جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا: حليم عادل شيخ

سردار عطاالله مينگل اصولن ۽ قومي وقار جي سياست ڪئي، سندس جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا

بلوچستان ۾ اصولن جي سياست ڪندڙ ٿورائي ماڻهو باقي بچيا آهن

ڪراچي(رپورٽر) حليم عادل شيخ: سردار عطاالله مينگل جي جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سنڌ سميت ملڪ جي 115 ضلعن ۾ پوليو کان بچاءَ جي مهم 21 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ سميت ملڪ جي 115 ضلعن ۾ پوليو کان بچاءَ جي مهم 21 سي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي الڳ الڳ واقعن دوران هڪ ٻار سميت 3 ڄڻا زخمي

5 اي 4 ۾ نئين روشني اسڪول ڀرسان فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو

جنهن کي ڇيپا ايمبوليسن ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽر) شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي الڳ الڳ واقعن دوران هڪ ٻار سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي طبي امداد لاءِ اس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي بندرگاهه گذريل مالي سال دوران سامان ۽ ڪنٽينرن جي سنڀال ۾ تاريخي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي 55.8 ملين ٽن جي رڪارڊ سطح حاصل ڪري ورتي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي بندرگاهه گذريل مالي سال دوران سامان ۽ ڪنٽينرن جي سنڀال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

شهر قائد ڪراچي ۾ هلندڙ سال جي شروعاتي 8 مهينن دوران مختلف نوعيت جي ڏوهن جون 46 هزار کان وڌيڪ وارداتون رپورٽ

ڪراچي(رپورٽر) شهر قائد ڪراچي ۾ هلندڙ سال جي شروعاتي 8 مهينن دوران مختلف نوعيت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

نگال جي نار مان ٿهندڙ موسمي نظام سنڌ ۾ داخل

ڪراچي ۾ اربع تائين وقفي وقفي سان برسات جو امڪان

جنهن جي اثر هيٺ ڪراچي ۾ سومر کان اربع تائين وقفي وقفي سان برسات جو امڪان

ڪراچي(رپورٽر) نگال جي نار مان ٿهندڙ موسمي نظام سنڌ ۾ داخل، ڪراچي ۾ اربع تائين وقفي وقفي سان برسات جو امڪان بنگال جي نار مان ٿهندڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي ايئرپورٽ تي قائم ويڪسينيشن سينٽر ۾ عمره زائرين جو رش رهيو

عمره زائرين جي سهولت لاءِ سينٽر آچر ڏينهن به کليل رهيو

نادرا ايپ يا سهولت مرڪز تان بايوميٽرڪ مڪمل ڪرائي پوءِ ويڪسينيشن سينٽر اچن

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ تي قائم ويڪسينيشن سينٽر ۾ عمره زائرين جو رش رهيو، جڏهن ته عمره زائرين جي سهولت لاءِ سينٽر آچر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

لاهور: برسات دوران هڪ فيملي موٽر سائيڪل تي پنهنجي گهر وڃي رهي آهي

سنڌ ۾ ممڪن برسات کي نظر ۾ رکندي، صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي هڪ ايڊوائزري جاري

سنڌ جي وڏي وزير گيان چند اسراڻي پي ڊي ايم اي ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 کي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم

سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ڪاتي جي صلاحڪار گيان چند اسراڻي پي ڊي ايم اي ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 کي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم

گيان چند اسراڻي سڀني ادارن کي ڪنهن به ممڪن هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي)رپورٽر) سنڌ ۾ ممڪن برسات کي نظر ۾ رکندي، صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي هڪ ايڊوائزري جاري ڪئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ڪاتي جي صلاحڪار گيان چند اسراڻي پي ڊي ايم اي ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جي جلسي ۾ 2262 شاگردن کي بي ايس ۽ بي اي جون ڊگريون ڏنيون ويون

انجنيئر ملڪ جي بچاءَ سميت سمورن شعبن ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا: گورنر سنڌ

زراعت ۽ طبي اوزارن جي تياري تائين انجنيئر ملڪ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

هو اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي سالياني جلسي ورچ اسناد کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو

ڪراچي(رپورٽر) اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جي جلسي ۾ 2262 شاگردن کي بي ايس ۽ بي اي جون ڊگريون ڏنيون ويون سنڌ جي گورنر نهال هاشمي چيو آهي ته انجنيئر ملڪ جي بچاءَ سميت سمورن شعبن ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 14 سيپٽمبر 2026ع بمطابق پهرين ربيع الثاني 1448ھ

سنڌ ۾ ميرٽ جو قتل عام ڪڏهن ختم ٿيندو؟

سنڌ ۾ ميرٽ جي بحالي لاءِ شاگردن جو احتجاج 51هين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويو آهي، پر افسوس جو سنڌ سرڪار جي ڪنن تي اڃا تائين جوں به نه چري آهي. حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ مسلسل جاري آهي. جڏهن ته نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻ الطاف لنجهو ۽ شاگرد عمران بلوچ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي آهي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي وفد پڻ بک هڙتالي ڪئمپ تي پهچي شاگردن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي. هي صورتحال رڳو چند شاگردن جي احتجاج جو معاملو ناهي، پر سنڌ جي هزارين نوجوانن جي ان احساس جي عڪاسي آهي ته جيڪڏهن تعليم، قابليت ۽ محنت کان پوءِ به روزگار ۽ سرڪاري عهدن جا دروازا ميرٽ بدران سفارش، سياسي اثر ۽ پئسي سان کلندا ته پوءِ نوجوان آخر ڪيڏانهن وڃن؟

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جهڙو ادارو ڪنهن به صوبي جي نوجوانن لاءِ اميد جو مرڪز هوندو آهي. نوجوان سالن جا سال محنت ڪن ٿا، ڪتابن سان منهن ڏين ٿا، مقابلي وارن امتحانن جي تياري ڪن ٿا ۽ اهو يقين رکن ٿا ته قابليت جي بنياد تي کين پنهنجي مستقبل جو حق ملندو. پر جڏهن اهڙي اداري جي عمل تي سوال اٿن، احتجاج ڪندڙ 51 ڏينهن تائين روڊن تي ويٺل هجن ۽ شاگرد پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال تي مجبور ٿين، تڏهن اها حڪومت ۽ انتظاميا لاءِ انتهائي سنجيده ڳڻتيءَ جي ڳالهه هجڻ گهرجي.

سنڌ جو اصل الميو اهو آهي ته ميرٽ جي ڳالهه هر حڪومت ڪندي آهي، پر عملي طور ميرٽ کي مضبوط ڪرڻ بدران سفارش ۽ سياسي اثر رسوخ جو دائرو وڌندو رهيو آهي. جڏهن سرڪاري نوڪرين ۽ اهم عهدن تي قابليت کان وڌيڪ ڪنهن جي سياسي وابستگي، سفارش يا ذاتي تعلق کي اهميت ڏني وڃي ٿي ته ان جو نقصان رڳو هڪ نوجوان کي نوڪري نه ملڻ تائين محدود نٿو رهي، پر سڄي معاشري جي بنياد کي ڪمزور ڪري ٿو. هڪ قابل نوجوان جڏهن پنهنجي اکين اڳيان نااهل ماڻهو کي سفارش يا اثر رسوخ ذريعي اڳتي وڌندي ڏسي ٿو ته سندس اعتماد رياست، ادارن ۽ قانون جي نظام تان کڄڻ شروع ٿي وڃي ٿو.

جيڪڏهن صوبائي وزيرن جا پٽ، مائٽ ۽ سياسي ويجها ماڻهو سٺين پوسٽن تي پهچندا رهن، جيڪڏهن رشوت جا بريف ڪيس ڏئي اهم عهدن تائين پهچڻ جو تاثر عام ٿيندو رهي ۽ جيڪڏهن ڪامورا قابليت بدران سياسي سرپرستيءَ جي بنياد تي مقرر ٿيندا رهن ته پوءِ انهن کان عوامي خدمت جي اميد ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ اهڙا ماڻهو عوام جي خدمت بدران پنهنجي خدمت، سياسي ڪامورن جي خوشامد ۽ وڏيرن جي چمچا خوريءَ کي ترجيح ڏيڻ تي مجبور ٿيندا آهن. نتيجي ۾ سرڪاري آفيسون عوام لاءِ آسانيءَ جو مرڪز بڻجڻ بدران سفارش، رشوت ۽ اثر رسوخ جا دروازا بڻجي وينديون آهن.

سنڌ امڙ جي خدمت اها ناهي ته سرڪاري نوڪريون ۽ اهم عهدا ذاتي ملڪيت وانگر ورهايا وڃن. سنڌ جي خدمت اها آهي ته جيڪو نوجوان راتين جون ننڊون قربان ڪري پڙهي ٿو، جيڪو مقابلي واري امتحان ۾ قابليت ثابت ڪري ٿو، جيڪو پنهنجي صلاحيت سان اڳتي وڌڻ چاهي ٿو، ان کي بنا ڪنهن سياسي، ذاتي يا مالي فرق جي سندس حق ڏنو وڃي. سنڌ جي خدمت اها آهي ته ادارن ۾ ايماندار، قابل ۽ فرض شناس ماڻهو مقرر ٿين، جيڪي عوام جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهي حل ڪن.

ميرٽ جي لتاڙ جو سڀ کان وڏو نقصان سنڌ جي نوجوان نسل کي ٿي رهيو آهي. بيروزگاري اڳ ئي نوجوانن لاءِ هڪ وڏو مسئلو آهي. جڏهن روزگار جا محدود موقعا به شفاف طريقي سان نه ملن ته نوجوانن ۾ مايوسي، بيچيني ۽ بي اعتمادي وڌڻ فطري ڳالهه آهي. جيڪو نوجوان پنهنجي قابليت تي ڀروسو ڪري اڳتي وڌڻ چاهي ٿو، جيڪڏهن هو بار بار سفارش ۽ رشوت جو رستو کليل ڏسي ٿو ته پوءِ معاشري ۾ محنت، ايمانداري ۽ قابليت جي قدر تي ئي سوال پيدا ٿي وڃي ٿو.

اڄ جيڪي شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن، اهي ڪنهن ذاتي فائدي لاءِ نه پر هڪ اصول لاءِ آواز بلند ڪري رهيا آهن. سندن احتجاج جو بنيادي سوال اهو آهي ته سرڪاري ادارن ۾ فيصلو قابليت جي بنياد تي ٿيندو يا طاقت ۽ سفارش جي بنياد تي؟ جيڪڏهن هن سوال جو جواب حڪومت وٽ موجود آهي ته پوءِ احتجاج ڪندڙن جا خدشا ختم ڪرڻ ۾ دير ڇو؟ سنڌ سرڪار کي گهرجي ته احتجاج کي نظرانداز ڪرڻ بدران فوري طور شاگردن سان ڳالهائي، سندن اعتراضن جي شفاف جاچ ڪرائي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به مرحلي تي ميرٽ جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف بنا ڪنهن سياسي فرق جي ڪارروائي ڪري.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ساک بحال ڪرڻ لاءِ شفافيت، جوابدهي ۽ ميرٽ کي بنيادي اصول بڻائڻ ضروري آهي. امتحان، انٽرويوز، نتيجن ۽ مقررين جي سموري عمل کي اهڙي نموني شفاف بڻايو وڃي، جو ڪنهن به اميدوار کي پنهنجي حق بابت شڪ جي گنجائش نه رهي. جيڪڏهن ڪنهن فيصلي خلاف اعتراض سامهون اچي ته ان جي آزادانه جاچ جو رستو موجود هجي. ادارن جي آزادي ۽ اعتبار صرف بيانن سان نه، پر عملي قدمن سان بحال ٿيندو آهي.

حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته نوجوانن جي آواز کي ڊگهي عرصي تائين نظرانداز ڪرڻ ڪنهن به معاشري لاءِ خطرناڪ آهي. بک هڙتال تي ويٺل شاگردن جي صحت ۽ زندگين بابت به حڪومت کي سنجيده قدم کڻڻ گهرجن. اختلاف ڪندڙن کي مخالف سمجهڻ بدران سندن ڳالهه ٻڌڻ ئي جمهوري حڪومت جي سڃاڻپ آهي. احتجاج کي دٻائڻ يا نظرانداز ڪرڻ سان مسئلو ختم نه ٿيندو، پر وڌيڪ پيچيده ٿيندو.

سنڌ اڳ ئي بيروزگاري، غربت، مهانگائي، تعليم ۽ صحت جي ڪوٽ سميت ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ميرٽ به ختم ڪئي ويندي ته پوءِ نوجوانن کان اميد ڪيئن رکي سگهجي ٿي ته اهي پنهنجي ڌرتي ۽ معاشري سان وفادار رهندا؟ نوجوانن کي پنهنجي مستقبل لاءِ سنڌ کان ٻاهر وڃڻ بدران سنڌ ۾ ئي عزت سان روزگار ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا ملڻ گهرجن. ان لاءِ سڀ کان پهريون قدم ميرٽ جي حفاظت آهي.

هاڻي سوال اهو آهي ته سنڌ ۾ ميرٽ جي قتل عام جو سلسلو آخر ڪڏهن ختم ٿيندو؟ ڪڏهن اهڙو ڏينهن ايندو، جڏهن ڪنهن نوجوان کي نوڪري لاءِ سفارش ڳولڻ جي ضرورت نه پوندي، رشوت ڏيڻ جي ضرورت نه پوندي ۽ ڪنهن وزير، وڏيري يا بااثر شخص جي در تي وڃڻو نه پوندو؟ ڪڏهن سرڪاري عهدو ڪنهن جي پٽ، مائٽ يا سياسي ساٿي جي بدران سڀ کان وڌيڪ قابل ۽ اهل ماڻهوءَ کي ملندو؟

سنڌ سرڪار وٽ هاڻي فيصلو ڪرڻ جو وقت آهي. 51 ڏينهن کان جاري احتجاج ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال کي نظرانداز ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي. حڪومت جيڪڏهن واقعي سنڌ جي نوجوانن جي مستقبل بابت سنجيده آهي ته ميرٽ خلاف اٿندڙ هر سوال جو جواب شفاف جاچ، عملي سڌارن ۽ واضح ڪارروائي سان ڏئي. ڇاڪاڻ ته ميرٽ جو تحفظ رڳو نوڪرين جو مسئلو ناهي؛ اهو سنڌ جي مستقبل، ادارن جي اعتبار ۽ معاشري جي اخلاقي بنيادن جو سوال آهي. ميرٽ بچندي ته نوجوانن جو اعتماد بچندو، ادارا مضبوط ٿيندا ۽ سنڌ جو مستقبل محفوظ ٿيندو؛ پر جيڪڏهن ميرٽ جو قتل عام جاري رهيو ته ان جي ذميواري رڳو فردن تي نه، پر ان سموري نظام تي هوندي جيڪو قابليت کي پوئتي ۽ سفارش کي اڳتي آڻڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

هرمز کان باب المندب تائين وڌندڙ ڇڪتاڻ، دنيا جي معيشت لاءِ وڏو خطرو

غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا هن وقت اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي ڪنهن هڪ خطي ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي يا فوجي ڇڪتاڻ جا اثر صرف ان خطي تائين محدود نٿا رهن، پر ڪجهه ئي ڏينهن اندر سڄي دنيا جي معيشت، واپار، توانائي ۽ عام ماڻهو جي زندگيءَ کي متاثر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا. وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عالمي واپار ۽ توانائي لاءِ سامونڊي رستا ڪيتري اهميت رکن ٿا. هرمز جي سامونڊي لنگهه ۽ باب المندب رڳو نقشي تي نظر ايندڙ به سامونڊي رستا ناهن، پر دنيا جي توانائي ۽ واپار لاءِ انتهائي اهم شاهراهون آهن.

هرمز جي سامونڊي لنگهه جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته خليج جي ڪيترن ئي تيل پيدا ڪندڙ ملڪن مان عالمي منڊين تائين توانائي جو وڏو حصو هن رستي تان گذري ٿو. سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، ڪويت، عراق ۽ قطر جهڙن ملڪن لاءِ هي سامونڊي رستو عالمي واپار سان ڳنڍجڻ جو اهم ذريعو آهي. ٻئي طرف باب المندب ڳاڙهي سمنڊ کي خليج عدن ۽ عربي سمنڊ سان ڳنڍي ٿو، جنهن سبب يورپ، ايشيا ۽ وچ اوڀر وچ ۾ سامونڊي واپار لاءِ هن رستي جي وڏي اهميت آهي.

جيڪڏهن انهن سامونڊي رستن تي ڊگهي عرصي تائين ڇڪتاڻ برقرار رهي ٿي يا واپار ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ته ان جا اثر سڄي دنيا تي پئجي سگهن ٿا. تيل جي قيمتن ۾ اضافو، سامونڊي جهازن جي سفر ۾ دير، مال پهچائڻ جا وڌندڙ خرچ ۽ توانائي جي فراهمي بابت خدشا عالمي معيشت لاءِ نوان مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر اهي ملڪ ٿيندا، جيڪي توانائي ۽ ضروري شين لاءِ درآمدات تي گهڻو ڀاڙين ٿا. پاڪستان لاءِ به صورتحال انتهائي اهم آهي. پاڪستان اڳ ئي مهانگائي، توانائي جي وڌندڙ خرچن ۽ معاشي دٻاءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي. عالمي منڊي ۾ تيل مهانگو ٿيندو ته ان جو اثر پاڪستان تي به پوندو. تيل جي قيمت وڌڻ سان رڳو گاڏين جو ٻارڻ مهانگو نٿو ٿئي، پر ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت، بجلي ۽ روزمره جي استعمال جون شيون به مهانگيون ٿي سگهن ٿيون.

عام ماڻهو لاءِ ان جو مطلب اهو هوندو ته آمدني ساڳي رهندي، پر خرچ وڌندا ويندا. پبلڪ ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌي سگهن ٿا، زرعي پيداوار جي لاڳت وڌي سگهي ٿي ۽ بازار ۾ خوراڪ توڙي ٻين ضروري شين جون قيمتون ٻيهر وڌڻ جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ، جتي عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائي جي اثرن هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي، عالمي توانائي بحران ڪنهن نئين معاشي امتحان کان گهٽ نه هوندو.

اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم ضرورت متوازن ۽ دانشمندانه سفارتڪاري آهي. پاڪستان جا سعودي عرب، ايران، گڏيل عرب امارتن ۽ ٻين خليجي ملڪن سان تاريخي ۽ برادرانه لاڳاپا آهن. پاڪستان کي ڪنهن به ڌر سان غيرضروري محاذ آرائي کان پاسو ڪندي امن، ڳالهين ۽ علائقائي استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. موجوده عالمي صورتحال ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي لاءِ توازن برقرار رکڻ اڳ کان وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي.

وچ اوڀر ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ جو اثر رڳو تيل تائين محدود ناهي. عالمي واپار جو وڏو حصو سامونڊي رستن ذريعي ٿيندو آهي. جيڪڏهن اهم سامونڊي رستا غير محفوظ ٿين ٿا ته جهازن کي ڊگهو رستو اختيار ڪرڻو پوي ٿو، جنهن سان وقت ۽ خرچ ٻنهي ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان جو سڌو اثر درآمد ٿيندڙ شين جي قيمتن تي پوي ٿو ۽ آخرڪار اهو بار عام خريدار جي کيسي تي اچي ٿو.

اڄ جي دنيا ۾ جنگ جو مطلب صرف ميزائل، جهاز ۽ توپون ناهن. جديد دور ۾ هڪ سامونڊي رستي ۾ پيدا ٿيندڙ رڪاوٽ به هزارين ميل پري ويٺل ماڻهن جي زندگيءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿي. هڪ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ بحران ٻئي ملڪ ۾ تيل جي قيمت وڌائي سگهي ٿو، ٽئين ملڪ ۾ بجلي مهانگي ڪري سگهي ٿو ۽ چوٿين ملڪ ۾ خوراڪ جي قيمتن کي متاثر ڪري سگهي ٿو.

سڀ کان وڏو نقصان عام ماڻهو جو ٿيندو آهي. وڏيون عالمي طاقتون پنهنجي معاشي ۽ دفاعي طاقت سان پنهنجن مفادن جو تحفظ ڪري وٺن ٿيون، پر غريب ۽ ترقي پذير ملڪن جا عوام هر بحران جي قيمت مهانگائي، بيروزگاري ۽ گهٽ ٿيندڙ قوتِ خريد جي صورت ۾ ادا ڪندا آهن. پاڪستان ۾ به جيڪڏهن توانائي جي قيمتن ۾ ٻيهر وڏو اضافو ٿيو ته حڪومت لاءِ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ هڪ وڏو امتحان هوندو.

ان ڪري پاڪستان کي هاڻي پنهنجي توانائي پاليسي تي به سنجيدگي سان سوچڻو پوندو. شمسي توانائي، هوا مان بجلي پيدا ڪرڻ، مقامي توانائي وسيلن جو بهتر استعمال ۽ توانائي جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جيستائين پاڪستان توانائي جي درآمدن تي پنهنجو انحصار گهٽ نه ڪندو، تيستائين عالمي منڊي ۾ پيدا ٿيندڙ هر وڏو بحران پاڪستان جي معيشت کي متاثر ڪندو رهندو.

عالمي برادري لاءِ به موجوده صورتحال هڪ واضح پيغام آهي ته طاقت جي استعمال بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي اوليت ڏيڻ گهرجي. وچ اوڀر اڳ ئي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان جنگين ۽ سياسي تڪرارن جو شڪار رهيو آهي. جيڪڏهن هر بحران جو جواب وڌيڪ فوجي طاقت سان ڏنو ويندو ته امن جو رستو وڌيڪ ڏکيو ٿيندو ويندو.

هرمز جو سامونڊي لنگهه ۽ باب المندب عالمي معيشت لاءِ اهڙا رستا آهن، جن جي سلامتي رڳو ڪنهن هڪ ملڪ جي ذميواري يا ضرورت ناهي. انهن سامونڊي رستن جي محفوظ رهڻ سان دنيا جي توانائي، واپار ۽ خوراڪ جي فراهمي جو سلسلو جاري رهي ٿو. جيڪڏهن اهي رستا غير محفوظ ٿين ٿا ته ان جا اثر دنيا جي هر ڪنڊ تائين پهچي سگهن ٿا.

اڄ جي صورتحال عالمي طاقتور ملڪن ۽ علائقائي رياستن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري رهي آهي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي. ڳالهين، سفارتڪاري ۽ هڪ ٻئي جي مفادن جي احترام سان ئي خطي کي وڏي تباهي کان بچائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن وقت سر ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته هڪ علائقائي بحران عالمي معاشي بحران ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. پاڪستان کي به موجوده صورتحال ۾ پنهنجي قومي مفادن جو تحفظ ڪرڻ سان گڏ امن لاءِ پنهنجي سفارتي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي. ڇو ته هرمز کان باب المندب تائين سامونڊي رستن جي سلامتي رڳو جهازن جي سلامتي ناهي، پر دنيا جي ڪروڙين ماڻهن جي روزگار، توانائي، خوراڪ ۽ معاشي مستقبل سان جڙيل مسئلو آهي.

دنيا کي هاڻي جنگ جي باهه کي وڌائڻ بدران امن جو رستو ڳولڻو پوندو، ڇو ته جيڪڏهن سامونڊي رستن ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ کي وقت سر ختم نه ڪيو ويو ته ان جي گرمي رڳو وچ اوڀر تائين محدود نه رهندي، پر دنيا جي بازارن کان ٿيندي عام ماڻهو جي گهر جي چلهي تائين پهچي سگهي ٿي.

تاريخ ۽ ان جو فلسفو

طفيل مگسي

ڪو چئي ٿو ته تاريخ وڏي ظالم آهي ته ڪنهن چيو انسان تاريخ کان سبق حاصل نٿو ڪري اسان جي پياري ملڪ پاڪستان ۾ اچڻ واري هر حڪومت اقتدار حاصل ڪرڻ جي لاءِ نوان نوان وعدا ڪندي آهي هر اميدوار عوام کي نوان نوان خواب ڏيکاريندو آهي ۽ عوام هر پيري انهن منجهان ڪنهن هڪ کي ووٽ ڏئي ڪري ڪامياب ڪري ڇڏي ٿو

اليڪشن ڪانپوءِ عوام عوام پٽڻ ۽ روئڻ شروع ڪندو آهي ته اميدوار اسان جي اميدن تي پورو نه لٿو ۽ پنهنجن وعدن کان مڪري ويو آهي ان تي ڪرپشن، اقربا پروري ۽ نيڪ سان ڪم نه ڪرڻ جا الزام هڻي ٿو ڪي اميدوار پنهنجا وعدا پورا ڪن ٿا ليڪن انهن جو انگ اٽي ۾ لوڻ جي برابر هوندو آهي

تاريخ جي پسمنظر ۾ ڪنهن وقت ڇا ٿيندو آهي، ڇو ٿيندو آهي ۽ ڪيئن ٿيندو آهي، اهو سمجهڻ جي لاءِ مفڪرن مختلف دورن ۾ مختلف فلسفا مقرر ڪيا انهن فلسفين تي مفڪرن ۽ تاريخدانن جي زماني جو گهڻو اثر ڏيک ڏيئي ٿو

تسلسل جو نظريو:

اهو تاريخ جو سڀ کان پراڻو نظريو آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ نهايت مقبوليت رکندو هو مغربي دنيا ۾ اهو نظريو بابا ءِ تاريخ هيروڊوٽس جي زماني کان قرون وسطي تائين رائج رهيو انهيءَ نظريي جي مطابق دنيا ۾ ظهور ٿيڻ وارا واقعا هڪ پيرو وري ظهور پذير ٿيندا ليڪن ڪنهن نئين شڪل ۾ واقعن جو تسلسل انهيءَ ريت هلندو رهي ٿو صرف وقت تاريخ ۽ مقام تبديل ٿين ٿا ان ڪانسواءِ دنيا ۾ ڪا تبديلي نٿي اچي ان نظريي جو دائرو نهايت ڪشادو هو ۽ اهي ماڻهو ان جو اطلاق عالمي قومن تي به ڪندا هئا روم جي زوال ڪانپوءِ هوريان هوريان تسلسل جو نظريو به زوال جو شڪار ٿيڻ لڳو

قدرت جو نظريو:

ڇهين صدي عيسوي ۾ ان جي جڳهه هڪ نئين فلسفي والاري ڇڏي اهو نظريو قوم کان اڳ ۾ به ڪجهه قومن وٽ رائج هوجن ۾ يهودي اڳ اڳ هئا قرون وسطي ۾ انهيءَ نظريي جي پکيڙ ۾ چرچ اهم ڪردار ادا ڪيو ان نئين فلسفي جي مطابق دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ وارن واقعن جي پنيان قدرت ۽ قسمت جو هٿ هوندو آهي قدرتي آفتن کي چاهي اهي جنگيون هجن، زلزلا هجن يا ٻيون آفتون، اصل ۾ قدرت جي طرف کان انسان جي گناهن جون سزائون ٻڌايون وڃن ٿيون انهيءَ ريت معاشي خوشحالي ۽ امن جو زمانو به قدرت جي طرف کان انسانن جي نيڪين جو صلو قرار ڏنو ٿي ويو

سائنسي سوچ ۽ فڪر جي اوج سان گڏ ان نظريي جو زوال شروع ٿي ويو جڏهن يورپ ۾ مذهب جي جڳهه سائنس وٺي ڇڏي ته يورپ به قرون وسطي جي زماني کان نڪري ڪري جديد دور تائين پهچي ويو يورپ اهو سفر نيوٽن، گليلي ۽ ڊائونچي جهڙن سائنسدانن جي ڪلهن تي شروع ڪيو

ترقي پسند نظريو:

ان زماني ۾ سموري يورپ ۾ نوان قانون ۽ اصول رائج ٿيڻ لڳا ۽ سائنس و آرٽ جي هنڌين هنڌين هاڪ ٿيڻ لڳي سائنس ثابت ڪيو ته دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ وارن واقعن جي پنيان ڪجهه اصول و قانون ڪرفرما هوندا آهن دنيا جو نظام ۽ ان ۾ رهڻ واري مخلوقات به سائنسي اصولن تي ڪاربند آهن ان بظريي جو باني هڪ جرمن فلسفي هوانهيءَ نظريي اهل ورپ ۾ بي پناهه مقبوليت حاصل ڪري ورتي ان نظريي جي مطابق انسان بهتري ۽ ترقي ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکي ٿو هر نسل اڳ گڏريل نسل کان وڌيڪ بهتر و وڌيڪ مهذب هوندو آهي ڇو ته هو گذريل نسل جي تجربن ۽ مشاهدن کان فائدو وٺي ٿو ڏٺو وڃي ته دنيا ۾ اڄ تائين ٿيڻ واري ترقي انهيءَ نظريي جي بدولت آهي انهيءَ نظريي جي مطابق بني نوع انسان مسلسل ترقي جي راهه تي راهي آهي انهيءَ حوالي کان اهو سوال ذهن ۾ اچي ٿو ته نيٺ اها ترقي ڪٿي وڃي دنگ ڪندي ان حوالي کان هڪ ته اهي ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا ته اها ترقي لامحدود آهي ۽ انسان مسلسل ترقي جي راهه تي راهي رهندو ٻيئي پاسي اهي ماڻهو آهن جن جو چوڻ آهي ته اها ترقي هڪ اهڙي جڳهه تي پهچائي ويندي جتي پهچي ڪري معاشرو زمين تي مثالي معاشرو بڻجي ويندو ۽ وڌيڪ ترقي ۽ ايجادن جي ترقي باقي نه رهندي

بقايا *** 01

ٽائين گاڏين وارن کي في ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا رعايت ڏني ويندي. هن چيو ته 800 سي سي تائين گاڏين جي مالڪن کي هر مهيني 30 ليٽر پيٽرول تي في ليٽر 100 رپيا رعايت ڏني ويندي. وزيراعظم اهو به چيو ته گاڏي واري هنڌ اسلام آباد جي حدن اندر پيٽرول تي رعايت ايندڙ سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات کان لاڳو ڪئي ويندي سڄي پاڪستان، جنهن ۾ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان به شامل آهن، اتي رعايت اربع ۽ خميس جي وچ واري رات کان لاڳو ٿيندي خاص رعايتي رٽ لاءِ رجسٽريشن اڄ کان شروع ڪئي وئي آهي. رعايت حاصل ڪرڻ جو طريقو آگاهي مهم ذريعي عوام تائين پهچايو ويندو. هن چيو ته رٽ لاءِ رجسٽريشن جي سلسلي ۾ موٽرسائيڪلن، رڪشائن ۽ ننڍين گاڏين بابت جاڻ فراهم ڪرڻ [illegible] صوبن جا ٿورائتا آهيون.

بقايا *** 02

لو ڪري ڇڏيو آهي. مسلم ليگ ن پنجاب جي صدر رانا ثناءالله جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پارٽي عهديدارن کي چونڊن جون تياريون شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ان ڪانسواءِ رانا ثناءالله پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ ڊويزن، ضلعي، تعلقي ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تي پيرو مهر هلائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ نون صوبن واري معاملي تي پڻ ڳالهايو ويو.

بقايا *** 03

ٿيل اجلاس دوران وزيراعظم يوٿ پروگرام (پي ايم واءِ پي) ۽ يو اين وومين پاڪستان وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون ويون. پي ايم واءِ پي موجب مفاهمت جي ياداشت نامي جو مقصد پاڪستان ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ، سندن قيادت کي همٿائڻ ۽ کين معاشرتي، اقتصادي ۽ عوامي زندگي ۾ اثرائتو ۽ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ آهي. اجلاس ۾ پروگرام جي چيئرمين سميت ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. مفاهمت جي ياداشت نامي تحت نوجوان عورتن جي قيادت، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ انهن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ سميت تجربن ۽ معلومات جي متاسلا ڪئي ويندي، جڏهن ته ٻئي ادارا نوجوان عورتن لاءِ رهنمائي، نيٽ ورڪنگ، قيادت جي سکيا ۽ پيشورانا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ به سهڪار ڪندا.

بقايا *** 04

قبضي مان 4 کان 5 لک رپين جي ماليت واري ڪرسٽل منشيات هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدار منشيات پهچائڻ ۽ وڪرو ڪرڻ لاءِ "ٿيالي" طور ڪم ڪندا هئا. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ نعمان ۽ شامير جي نالن سان ٿي آهي. پوليس اختيارين موجب جاچ دوران جوابدارن گينگ وار گروهه جي منشيات وڪرو ڪرڻ واري نيٽ ورڪ ۽ رقم جي منتقلي بابت اهم انڪشاف ڪيا آهن. جوابدارن پوليس کي ٻڌايو ته منشيات ۽ رقم هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائيندڙ ماڻهن لاءِ "ٿيالي" جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان بچي سگهجي. سندن چوڻ موجب گروهه جا ڪارندا روزانو لڳ ڀڳ 4 کان 5 لک رپين جي منشيات وڪرو ڪندا آهن. جڏهن ته ڪاشف دادا لاءِ 10 کان 12 ننڍي عمر جا نوجوان "ٿيالي" طور ڪم ڪري رهيا آهن. جاچ دوران جوابدارن انڪشاف ڪيو ته منشيات وڪرو ڪرڻ جي نيٽ ورڪ ۾ عورتون پڻ ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ انهن کي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين سفر ۾ مدد فراهم ڪرڻ جي عيوض 3 هزار رپين تائين ڏنا ويندا آهن. جوابدارن موجب گروهه جو سڀ کان ننڍي عمر وارو ڪارندو جلال آهي، جنهن جي عمر صرف 14 سال آهي ۽ کيس پڻ منشيات وڪرو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پوليس موجب ڪاشف دادا گروهه طرفان منشيات وڪرو ڪرڻ ۽ پهچائڻ جي عيوض ڪارندن کي 2 کان 3 هزار رپيا ڏنا ويندا هئا، جڏهن ته ڪڏهن ڪڏهن نقد رقم بدران منشيات ڏني ويندي هئي. جوابدارن ٻڌايو ته ڪم دوران ڪنهن به قسم جي غلطي يا ڪوتاهي تي گينگ وار طرفان سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هئي ۽ ڪجهه حالتن ۾ گهر پڻ خالي ڪرايو ويندو هو. پوليس اختيارين چيو ته منشيات جي وڪري واري نيٽ ورڪ ۾ رنڊڪ وجهندڙن خلاف ڪارروائي لاءِ گينگ وار جو 50 ڄڻن تي ٻڌل هٿياربند گروهه پڻ تيار رهندو آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان هٿ آيل ڪرسٽل منشيات جي ماليت 4 کان 5 لک رپيا آهي، جيڪا لياري مان فراهم ڪئي وئي هئي ۽ ان کي پاڪ ڪالوني ۾ وڪرو ڪرڻو هو.

بقايا *** 05

گڏيل سياسي، علائقائي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته 15 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيل تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سربراهي اجلاس جي حوالي سان به مشاورت ڪئي وئي. ملاقات جي موقعي تي ايس يو پي سربراهه سيد زين شاهه، تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو معاشي ترجمان محمد زبير بلوچستان نيشنل پارٽي جو اڳواڻ ساجد ترين ايڊووڪيٽ، تحريڪ جي ترجمان اخونزاده حسين احمد يوسفزئي ۽ اڳواڻ آغا حسن بلوچ به موجود هئا. ملاقات ۾ آئنده جي سياسي لائحه عمل ۽ گڏيل مشاورت کي اڳيان وڌائڻ بابت معاملا به غور هيٺ آيا.

بقايا *** 06

بن گذريل 18 سالن کان ارڙهين ترميم ڪانپوءِ مليل اختيارن ۽ وسيلن جو ناجائز فائدو ورتو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ عام پاڪستانين جون محروميون وڌيون آهن ۽ اڄ ملڪ جي ٻن صوبن ۾ رياست مخالف جنگ جاري آهي. مصطفيٰ ڪمال موجوده حڪومتي نظام کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته اهو نظام گذريل 79 سالن کان ملڪ ۾ غدار پيدا ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجن ئي ماڻهن کي پنهنجي فوج خلاف وڙهائي رهيو آهي. موجوده نظام تحت ملڪ کي وڌيڪ نٿو هلائي سگهجي ۽ ننڍن انتظامي يونٽن جو قيام هاڻي ناگزير ٿي چڪو آهي. سيد مصطفيٰ ڪمال وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ ڪتن جي چڪ سبب ۽ کليل گٽرن ۾ ڪري بارفوت ٿي رهيا آهن. ڊمپرن جي زد ۾ اچي شهري حياتيون وڃائي رهيا آهن. اسپتالن ۾ غلط سرنج جي استعمال سبب ايڊز پکڙجي رهي آهي. جڏهن ته روڊن تي موبائل فون ڦرڻ دوران نوجوانن کي قتل ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ڪراچي جي نوجوانن لاءِ ڪو سرڪاري روزگار موجود ناهي، کين شهري ڪوٽي ۾ به حصو نٿو ڏنو وڃي، ۽ جڏهن شهر جي ڪوٽي جي ڳالهه اچي ٿي ته جعلي ڊوميسائل ذريعي اهو وڪرو ڪيو وڃي ٿو. مصطفيٰ ڪمال چيو ته سنڌ جي حڪمرانن شهر جي نوجوانن لاءِ روزگار جي واحد جاءِ "فوڊ پانڊا" ڇڏي آهي. هن پاڪستان جي سمورن مظلومن ۽ غريب عوام کي مخاطب ٿيندي چيو ته انتظامي يونٽن جي قيام لاءِ متحد، منظم ۽ سرگرم ٿيڻو پوندو. ان موقعي تي سينيئر مرڪزي اڳواڻ انيس قائمخاني، سي او سي انچارج فرقان اطيب ۽ صوبائي توڙي قومي اسيمبلي جا ميمبر پڻ موجود هئا.

بقايا *** 07

تي مضبوط رابطن، واپار، سيڙپڪاري ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون. واپار واري وزارت موجب وفاقي وزير دوري دوران هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري جي اهم شخصيتن سان پڻ ملاقاتون ڪيون. ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين وچ ۾ سڌي ريت رابطن کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران ان ڳالهه تي روشني وڌي وئي ته پاڪستان، هانگ ڪانگ جي خدمتن جي شعبي (سروسز سيڪٽر) خاص طور تي مالي، هوا بازي ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۾ مهارت ذريعي ڪيئن فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيئن گڏيل سهڪار کي هٿي وٺائي. رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ٽرانزٽ روٽس جي ترقي لاءِ "بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو" جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي. وفاقي وزير نون ڪاروباري موقعا ڳولهڻ لاءِ نمايان ڪاروباري اڳواڻن وچ ۾ باقاعده رابطن ۽ واپاري وفدن جي متاسلا جي اهميت تي زور ڏنو. بعد ۾ هن پاڪستان ڪلب ۾ منعقد اڄياٽي ۾ شرڪت ڪئي جتي هن هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري جي اهم ميمبرن ۽ ڪاروباري اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون. تقريب کي خطاب ڪندي هن ٻنهي ملڪن جي ترقي ۾ پاڪستانين جي خدمتن جي واکاڻ ڪئي. هن چيو ته هانگ ڪانگ هڪ اهم عالمي مالياتي، واپاري ۽ مواصلاتي مرڪز هجڻ جي ناطي پاڪستاني ڪاروباري ماڻهن ۽ پروفيشنل ماهرن لاءِ وسيع موقعا فراهم ڪري ٿو. وفاقي وزير پاڪستاني برادري تي زور ڀريو ته اها هانگ ڪانگ ۾ پنهنجي وسيع ڪاروباري رابطن ذريعي پاڪستان جي اقتصادي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ حصيداريون قائم ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪندي رهي.

بقايا *** 08

هال جي سيڪيورٽي گارڊ ان وقت ٻن ڦورن تي فائرنگ ڪئي جڏهن اهي هڪ شهري کي ڦري رهيا هئا. پوليس موجب، سيڪيورٽي گارڊ ۽ ڦورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، جڏهن ته ٻيو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پوليس ٻڌايو ته ڦورن جي فائرنگ سبب ٻه شهري زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ فوڊ ڊليوري رائڊر ۽ هڪ رهگير شامل آهن. پوليس موجب ڦورن فوڊ ڊليوري رائڊر کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن مزاحمت ڪئي، ان تي ڦورن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ فوڊ ڊليوري رائڊر ۽ هڪ شهري زخمي ٿي پيا. هڪ ٻئي واقعي ۾ بلديه ٽائون جي علائقي ۾ پوليس مقابلو ٿيو جتي ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو ويو. ايس ايڇ او ايس پي ايسٽ موجب، گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ اصغر ۽ علي گل طور ڪئي وئي آهي. انهن وٽان هٿيار ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا. ايس ايڇ او زبير نذير شيخ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ ملوث آهن. انهن خلاف شڪن، لانڍي ۽ سعيد آباد ٿاڻن تي ڦر ۽ غير قانوني هٿيارن جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 09

پٽمبر کان شروع ٿيندي سنڌ سميت ملڪ جي چونڊيل ضلعن ۾ پوليو کان بچاءَ جي ڏهاڙي قومي مهم 21 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي، جيڪا 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندي پوليو کان بچاءَ واري پروگرام موجب پنجاب، سنڌ، اسلام آباد، بلوچستان، خيبرپختونخوا ۽ گلگت بلتستان جي 115 چونڊيل ضلعن ۾ مهم دوران 3 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا. پروگرام موجب پوليو مهم ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڪارڪنن جي روزاني اجرت ۾ 28 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ملڪ ۾ پوليو جي ڪيسن جي انگ ۾ 99.8 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. پوليو کان بچاءَ واري پروگرام جي انگن اکرن موجب 1990ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ ملڪ ۾ پوليو جي ڪيسن جو انگ لڳ ڀڳ 20 هزار هو، جيڪو گهٽجي 2025ع ۾ 31 ۽ 2026ع ۾ هيل تائين رڳو 3 ڪيسن تائين محدود ٿي ويو آهي.

بقايا *** 10

۾ تاريخي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي 55.8 ملين ٽن جي رڪارڊ سطح حاصل ڪري ورتي، جڏهن ته بندرگاهه تي 2 هزار 115 سامونڊي جهازن جي اچ وڃ پڻ رڪارڊ ڪئي وئي. وزيراعظم جي سامونڊي سڌارن واري ٽاسڪ فورس تحت ڪراچي بندرگاهه گذريل 138 سالن کان پاڪستان جي سامونڊي واپار ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهي آهي. گذريل مالي سال بندرگاهه جي سامان سنڀالڻ جي صلاحيت 53 ملين ٽن مان وڌي 55.8 ملين ٽن تائين پهچي وئي، جيڪا ان جي تاريخ جي بلند ترين سطح آهي عالمي سطح تي سامونڊي واپاري رستن جي متاثر ٿيڻ سبب ڪراچي بندرگاهه لاءِ سامان هڪ ٻيڙيءَ تان ٻيڙيءَ ۾ منتقل ڪرڻ (ٽرانس شپمينٽ) جا نوان واپاري موقعا پيدا ٿيا. خليجي تڪرار دوران بندرگاهه تي ٽرانس شپمينٽ جي سرگرمين ۾ پڻ واڌارو ٿيو جنهن سان عالمي صورتحال ۾ تبديلين کي نظر ۾ رکندي پاڪستان لاءِ واپار جا نوان موقعا پيدا ٿيا. رپورٽ موجب پاڪستان جي لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو سامان جي آمدرفت ڪراچي بندرگاهه سان لاڳاپيل واپاري نظام تي ڀاڙيندي آهي، جيڪو ملڪي معيشت ۽ سامونڊي واپار ۾ بندرگاهه جي اهميت کي واضح ڪري ٿو سامونڊي ٽاسڪ فورس جي قدمن ۽ عالمي ڪسٽمز ٽرانزٽ نظام جي ڪري وچ ايشيا سميت ٻين ملڪن تائين پاڪستاني سامان پهچائڻ وڌيڪ آسان ٿيڻ لڳو آهي، بندرگاهه جي ڪارڪردگي ۾ بهتري، ٽرانس شپمينٽ سرگرمين ۾ واڌ ۽ علائقائي رابطن جي واڌاري سان پاڪستان جو خطي ۾ اهم واپاري ۽ سامان رسائڻ واري مرڪز طور ڪردار وڌيڪ مضبوط ٿيڻ جي اميد آهي.

بقايا *** 11

موسمي نظام سنڌ ۾ داخل ٿي ويو آهي، جنهن جي اثر هيٺ ڪراچي ۾ سومر کان اربع تائين وقفي وقفي سان برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب سومر ڏينهن ڪراچي ۾ گجگوڙ سان گڏ هلڪي کان وچولي برسات ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪٿي وچولي ۽ ڪٿي تيز برسات پوڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جي ارلي وارننگ سينٽر موجب بنگال جي نار ۽ ڀارتي رياست اوڙيسا مٿان موجود هوا جو گهٽ دٻاءُ آهستي آهستي اڳتي وڌندي ڀارتي رياست ڇتيس ڳڙهه تائين پهتو جنهن جي اثر هيٺ اهو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي هئي. موسميات کاتي موجب موسمي نظام اربع تائين جاري رهي سگهي ٿو شهرين کي موسمي صورتحال تي نظر رکڻ ۽ برسات دوران احتياطي اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ارلي وارننگ سينٽر موجب سامونڊي هوائن جزوي طور متاثر ٿيڻ سبب ڪراچي ۾ گرمي جي شدت وڌي سگهي ٿي ۽ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته اتر اولهه طرف کان هلندڙ هوائون پڻ شهر جي موسم تي اثرانداز ٿي سگهن ٿيون. موسميات کاتي موجب آچر ڏينهن ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهيو. سڄو ڏينهن تيز اُس سبب، خاص طور منجهند ڌاري، گرمي جي شدت محسوس ڪئي وئي. گرمي پد گذريل ڏينهن جي ڀيٽ ۾ 1.8 ڊگري واڌ سان 36.3 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته هوا ۾ گهم جو تناسب 56 سيڪڙو رهيو ۽ ٻئي طرف ڀهراڙي واري سنڌ جا مختلف ضلعا پڻ سخت گرمي جي لپيٽ ۾ رهيا، جتي سڀ کان وڌيڪ گرمي پد شهيد بينظير آباد ۾ 42.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 12

رکن ٿا. ميزائلن ۽ جهازن جي تياري کان وٺي سائبر سيڪيورٽي، زراعت ۽ طبي اوزارن جي تياري تائين انجنيئر ملڪ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هو اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي سالياني جلسي ورهاست اسناد کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو. سنڌ جي گورنر چيو ته وزيراعظم ميان شهباز شريف انجنيئرنگ جي شاگردن لاءِ ليپ ٽاپ اسڪيم متعارف ڪرائي آهي. [illegible] انجنيئرنگ منصوبا ڏنا آهن. هن چيو ته ايڪسري، ايم آر آءِ ۽ ٻين طبي اوزارن جي تياري ۾ پڻ انجنيئرن جو بنيادي ڪردار آهي. انجنيئرن ڪانسواءِ سماج جي ترقي جو سفر ادورو آهي.

بقايا *** 13

پتال منتقل ڪيو ويو. ڇيپا ذريعن موجب نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 اي 4 ۾ نئين روشني اسڪول پرسان فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو. زخمي جي سڃاڻپ نور احمد جي نالي سان ٿي، جنهن کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٻئي واقعي ۾ ڪورنگي جي علائقي مهراڻ ٽائون ڊي 11 بس اسٽاپ پرسان فائرنگ سبب هڪ ٻار سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين جي سڃاڻپ ذوالفقار علي ولد عبدالفتح ۽ 3 ورهين جي غلام رسول ولد عبدالفتح جي نالن سان ٿي، جن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس فائرنگ جي واقعن جا سبب ۽ جوابدارن بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 14

شيخ بزرگ بلوچ اڳواڻ سردار عطاءُالله خان مينگل جي پنجين ورسي جي موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي کين ڀيٽا پيش ڪئي ۽ چيو ته سردار عطاءُالله مينگل اصولن ۽ قومي وقار جي سياست ڪئي، سندس جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا. حليم عادل شيخ چيو ته بلوچستان ۾ اصولن جي سياست ڪندڙ ٿورائي ماڻهو باقي بچيا آهن. اڄ اتي اصولن بدران مفادن ۽ خريد ۽ وڪري جو بازار گرم آهي. سينيٽ ۽ حڪومتن ۾ بلوچستان جي عوام جا حقيقي نمائندا نظر نٿا اچن. جيڪي ماڻهو اصولن تي ثابت قدم رهن ٿا، اهي ئي حقيقي سياسي اڳواڻ هوندا آهن. هن چيو ته سردار عطاءُالله مينگل جنهن ڪوٺڙي ۾ قيد رهيو هو، کيس به ساڳئي ڪوٺڙي ۾ قيد رهڻ جو اعزاز حاصل ٿيو. اڄ پريس ڪلب ۾ به آزاديءِ اظهار راءِ جي اها جاءِ نه رهي آهي، جيڪا ماضي ۾ هوندي هئي. پريس ڪلب کي سيل ڪرڻ ۽ صحافين کي روڪڻ جمهوريت لاءِ خطرناڪ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪرڻ جي به اجازت نٿي ملي. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته ڪراچي جي عوام ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ ڀتاخوري واري سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي جي عوام 2024ع جي چونڊن ۾ تحريڪ انصاف کي ڀرپور مينڊيٽ ڏنو. شهر جي نمائندگي فارم 45 تي ڪامياب ٿيندڙ حقيقي عوامي نمائندا ڪن ٿا. عوام عمران خان جي نظريي ۽ پي ٽي آءِ جي اميدوارن کي ووٽ ڏنو آهي. ڪراچي کي ڪنهن جي رحم ۽ ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي. هن شهر جو مينڊيٽ عوام وٽ آهي ۽ ڪراچي جا ماڻهو پنهنجن حقيقي نمائندن کي سڃاڻن ٿا. حليم عادل شيخ چيو ته جعلي مينڊيٽ سان قائم ٿيندڙ اسيمبلين کي قومي فيصلن جو اختيار نه هئڻ گهرجي. سنڌ جي عوام نهرن جي منصوبي خلاف واضح موقف اختيار ڪيو آهي، عوام کي سنڌ دشمن نهرن واري منصوبي جي منظوري بابت اصل حقيقتون ٻڌائڻيون پونديون. عارف علوي صدر طور سنڌ دشمن نهرن وارن منصوبن جي مخالفت ڪئي هئي، جڏهن ته نهرن جي منصوبي خلاف تحريڪ انصاف سميت سمورين جماعتن سنڌ جي عوام سان گڏجي جدوجهد ڪئي. هن الزام لڳايو ته نهرن واري منصوبي جي منظوري جي اصل ذميواري آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي تي لاڳو ٿئي ٿي. اڄ ڪجهه ماڻهو انقلابي بڻجي عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪو سنڌ جي حقن جو دشمن آهي، اهو پاڪستان جي مفادن جو به دشمن آهي. مضبوط صوبا ئي مضبوط ۽ مستحڪم پاڪستان جي ضمانت آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن عدليه جي آزادي کي سخت نقصان پهچايو آهي. اڄ عدليه آزاد ناهي ۽ آئين جي بالادستي به سخت متاثر ٿي آهي. آئين جي تحفظ جي دعويٰ ڪندڙن ئي آئين کي ڪمزور ڪيو. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) گڏجي ملڪ ۾ آئين ۽ جمهوريت کي نقصان پهچايو. حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ ۾ 18 سالن دوران کربين رپيا آيا، پر عوام کي بنيادي سهولتون فراهم نه ڪيون ويون. سنڌ جا ماڻهو پڇن ٿا ته 18 سالن دوران آيل اربين رپيا ڪيڏانهن خرچ ٿيا؟ پيپلز پارٽي جو نعرو "مرسون مرسون" بدران "تعليم نه ڏسون، صحت نه ڏسون، امن امان نه ڏسون" هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي عوام کي تعليم، صحت، امن ۽ بهتر روڊن جون سهولتون به فراهم نه ڪيون ويون آهن. هن چيو ته پاڪستان کي اڳتي وڌائڻو آهي ته آئين جي بالادستي ۽ عدليه جي آزادي بحال ڪرڻي پوندي. سمورين سياسي جماعتن کي آزادانه سياسي سرگرمين جي اجازت هئڻ گهرجي. هر سياسي مسئلي جو جواب گرفتاري يا گولي نه هجڻ گهرجي. سياسي ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ بدران سياسي ميدان ۾ مقابلو ڪيو وڃي. حليم عادل شيخ وڌيڪ چيو ته خيبرپختونخوا جي وزير سهيل آفريدي ۽ سلمان اڪرم راجا جي سنڌ جي دوري تي عوام ڀرپور آڌرڀاءُ ڪيو. سنڌ جي عوام مختلف هنڌن تي نڪري پيپلز پارٽي جي مبينا ڪرپشن ۽ ناانصافين خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو.

بقايا *** 15

ي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان روشم جي وارثن جو ٿاڻي ٻاهران احتجاجي ڌرڻو ڇهين ڏينهن به جاري رهيو ڌرڻو ختم ڪرائڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي جي آءِ جي آزاد خان، ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ۽ ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي رات دير سان منگهوپير پهتا، پر مقتول جي وارثن قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پوليس آفيسرن مقتول روشم جي والد رؤيداد حسين سان ملاقات ڪري ساڻس تعزيت ڪئي ۽ قتل ڪيس جي جاچ ۾ ٿيندڙ پيش رفت بابت آگاهه ڪيو ان موقعي تي آءِ جي آزاد خان لاڳاپيل پوليس اختيارين کي جوابدارن جي جلد گرفتاري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. مقتول جي والد رؤيداد حسين واضح ڪيو ته جيستائين روشم جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيندا، لاش سان گڏ احتجاجي ڌرڻو جاري رهندو ۽ هو پنهنجي پٽ جي تدفين نه ڪندا. سندس چوڻ هو ته ڇهه ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس طرفان قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ تي وارث سخت مايوس آهن ذريعن موجب ڳالهين باوجود ڌرڻو ختم نه ٿي سگهيو. جڏهن ته مقتول جي والد پوليس جي ڪارڪردگي خلاف شهر جي مختلف علائقن ۾ پڻ ڌرڻا ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي واضح رهي ته 15 ورهين جي روشم کي منگهوپير واري علائقي ۾ گهر اندر ڪم دوران مبينا طور پوليس جي وردي ۾ پهريل ڏاڪيلن فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو. مقتول اٺن ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ ۽ حافظِ قرآن هو.

بقايا *** 16

اد، ڄامشورو، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد، لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ ٽيسٽ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. ايس ٽي ايس موجب اميدوار پنهنجي سڃاڻپ ڪارڊ جي آءِ ڊي ذريعي ايڊمٽ سلپون ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته اميدوارن کي ايڊمٽ سلپ جو پرنٽ پڻ اڳواٽ ڪڍڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ايس ٽي ايس واضح ڪيو آهي ته رجسٽريشن وقت اميدوارن پاران چونڊيل امتحاني شهر حتمي هوندو ۽ ٽيسٽ سينٽر تبديل نه ڪيو ويندو. ايس ٽي ايس موجب ايڊمٽ ڪيٽ اميدوارن کي سندن رجسٽرڊ موبائل نمبرن تي ايس ايم ايس پڻ موڪليا ويا آهن.

بقايا *** 17

ح سان لاڳاپيل هڪ دهشتگرد مارجي ويو رينجرز جي ترجمان موجب، مارجي ويل دهشتگرد ضياءُ الرحمان عرف سيف الله جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو. مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق خيبر پختونخواهه جي علائقي باجوڙ سان هو ۽ هو 2006ع ۾ "فتنه الخوارج" ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته اهو دهشتگرد افغان سرحد تي پاڪستاني چوڪين تي ٿيندڙ ڪيترن ئي حملن ۾ ملوث رهيو هو. رينجرز جي ترجمان اهو به ٻڌايو ته ضياءُ الرحمان تازو ئي افغانستان مان لڏي ڪراچي آيو هو ۽ هتي دهشتگرد سرگرميون ڪرڻ لاءِ هڪ نيٽ ورڪ قائم ڪري رهيو هو.

بقايا *** 18

کان وڌيڪ ايراضي تي قائم پارڪ کي جديد سهولتن سان ليس ڪيو ويو آهي. پارڪ ۾ ٻارن لاءِ پلي ايريا، جهولا، گاهه ۽ 100 کان وڌيڪ نوان وڻ ۽ ٻوٽا لڳايا ويا آهن. ميئر ڪراچي ٻڌايو ته پارڪ سان گڏ نوجوانن لاءِ آءِ ٽي سينٽر پڻ قائم ڪيو ويو آهي، جتي مفت آءِ ٽي ڪورسز ڪرايا ويندا، جڏهن ته مصنوعي ذهانت جي تعليم پڻ مفت ڏني ويندي، جيئن نوجوان جديد مهارتون حاصل ڪري روزگار جا موقعا حاصل ڪري سگهن. مرتضيٰ وهاب چيو ته سڄي دنيا ۾ آءِ ٽي جو شعبو روزگار جا بهترين موقعا فراهم ڪري رهيو آهي، اسان فري لانس ڪم ڪندڙن لاءِ پڻ باعزت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته آءِ ٽي سينٽر 180 چورس ميٽر ايراضي تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 8 ڪمرا، آفيس، اسٽور، باورچي خانو ۽ غسل خاني سميت ٻيون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. منصوبي ۾ پارڪ ۽ آءِ ٽي سينٽر لاءِ بجلي ۽ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال واري نظام جي ڪنيڪشن کي ٻاهرين نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ جو ڪم پڻ شامل آهي. ميئر ڪراچي چيو ته هر ضلعي ۾ اهڙا پارڪ ٺاهينداسين. ڪراچي ۾ تيزي سان ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن ۽ وڌيڪ ترقياتي ڪمن جو سلسلو 15 سيپٽمبر کان شروع ٿيندو، جڏهن ته ٽائون جا روڊ پڻ تعمير ڪنداسين. مرتضيٰ وهاب چيو ته هاڻي ڪراچي ۾ ڪم ٿيندو نظر اچي رهيو آهي، شهر جو بنيادي ڍانچو بهتر ٿي رهيو آهي ۽ شهرين کي جديد سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته ڪي ايم سي وٽ وسيلا ۽ اختيار موجود آهن، هاڻي اختيارن ۽ وسيلن جي کوٽ جو رونا روئڻ جو وقت ناهي، فرق رڳو قيادت جو آهي ۽ ڪراچي جي قيادت ڪراچي وارن جي هٿن ۾ آهي. پيپلزپارٽي جيڪو واعدو ڪيو، اهو پورو ڪيو ۽ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري رهندو. مصطفيٰ ڪمال جي بيان تي ردعمل ڏيندي ميئر ڪراچي چيو ته مصطفيٰ ڪمال جنهن ڏينهن مناظري لاءِ چوندو، مان تيار آهيان. مان اڄ به ميدان ۽ گرائونڊ ۾ موجود آهيان، جڏهن ته مصطفيٰ ڪمال ٿڌي ڪمري ۾ ويهي پريس ڪانفرنسون ڪندو آهي، هو هفتي ۾ رڳو هڪ ڏينهن ڪراچي ايندو آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته کيس مخالفن کان حمايت جي اميد ناهي، جمهوريت جي تاريخ ڏسي وٺو مخالفت ٿيندي آهي. ڪراچي وارا بوري بند هڙتالن ۽ تشدد وارو ڪراچي نٿا چاهين، هاڻي ڦيٿو جام نه هلندو. هن مصطفيٰ ڪمال کي مخاطب ٿيندي چيو ته 300 ارب رپين جي منظوري جا ڪاغذ ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته اها رقم ڪڏهن ۽ ڪهڙي ڪائونسل مان منظور ڪرائي وئي. ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته مصطفيٰ ڪمال جلد ڪاوڙ ۾ اچي ويندو آهي، هو صحت وارو وزير آهي، پنهنجي صحت جو به خيال رکي. ايم ڪيو ايم ۽ پيپلزپارٽي جي سوچ مختلف آهي.

بقايا *** 19

پيرو 400 روپين جو فگر ٽپي 403 روپيه في ليٽر ٿيڻ سان وڏن شهرن سميت سموري ملڪ ۾ مهانگائي جو نئون سونامي اچي ويو آهي.

بقايا *** 20

41 لک 84 هزار 950 مريض اين آءِ سي وي ڊي مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. سنڌ حڪومت دل جي علاج جون جديد ۽ مفت سهولتون سنڌ جي مختلف شهرن تائين پهچايون آهن، جڏهن ته اين آءِ سي وي ڊي جي سيٽلائيٽ يونٽن ذريعي دل جي علاج جون سهولتون سنڌ جي مختلف علائقن تائين فراهم ڪيون پيون وڃن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سائبر نائف ذريعي سنڌ ۾ ڪينسر جي مريضن کي جديد ۽ جديد ترين علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، جڏهن ته سنڌ ۾ سائبر نائف جهڙي جديد طبي سهولت جو قيام عالمي معيار جي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ واري حڪومت جي عزم جو ثبوت آهي. ايس آءِ يو ٽي سنڌ ۽ غريب ۽ مستحق مريضن کي مفت علاج فراهم ڪندڙ هڪ قابل فخر ادارو آهي، جتي پيچيده بيمارين جي علاج سميت جديد طبي سهولتون بنا ڪنهن فرق جي فراهم ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته ايس آءِ يو ٽي، اين آءِ سي وي ڊي ۽ ٻيا ادارا سنڌ حڪومت جي عوام دوست صحت واري ويزن جا عملي مثال آهن، جڏهن ته ايس آءِ ايڇ اين ذريعي سنڌ ۾ ٻارن ۽ نون ڄاول ٻارن کي جديد طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. سنڌ حڪومت جو مقصد آهي ته ڪو به غريب شهري پئسن جي کوٽ سبب علاج کان محروم نه رهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تعليم جي شعبي ۾ بهتري سنڌ جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي. سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي ۾ ميرٽ تي 93 هزار کان وڌيڪ استاد ڀرتي ڪيا آهن. جيڪو سنڌ حڪومت جي تعليمي سڌارن جو هڪ اهم سنگ ميل آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو ڌيان رڳو اسڪول تائين محدود ناهي، پر معياري تعليم ۽ بهتر سکيا جا نتيجا حاصل ڪرڻ پڻ جا مقصد آهن لطيف آباد، حيدرآباد جو اسڪول سنڌ حڪومت جي سرڪاري اسڪولن ۾ بهتري آڻڻ واري ويزن جو هڪ نمايان مثال آهي، جڏهن ته سنڌ حڪومت سرڪاري اسڪولن ۾ سهولتن ۽ تعليمي معيار بهتر بڻائي عوام جو اعتماد بحال ڪري رهي آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز اسڪول سنڌ ۾ معياري تعليم ۽ جديد تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ جو هڪ اهم منصوبو آهي، جڏهن ته اروڙ يونيورسٽي سنڌ ۾ جديد تعليم، تحقيق، آرٽ، ڊيزائن ۽ ثقافتي ورثي جي فروغ جو هڪ اهم مرڪز آهي. صحت ۽ تعليم ۾ سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري دراصل سنڌ جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي. سنڌ حڪومت جو عزم آهي ته ڪو به ٻار تعليم ۽ ڪو به شهري علاج کان محروم نه رهي.

بقايا *** 21

ت ڪندڙ ايٿليٽس جي فهرست ۾ شامل نه ٿي سگهي جڏهن ته پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن فائقه رياض جي ايونٽ ۾ شرڪت جا خرچ برداشت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب پاڪستان اسپورٽس بورڊ طرفان ايشين گيمز جي لاءِ جن ايٿليٽس جا خرچ کنيا پيا وڃن انهن ۾ قومي چيمپين فائقه رياض جو نالو شامل نه آهي. فائقه رياض کي پاڪستان اسپورٽس بورڊ جي تربيتي ڪيمپ ۾ به شامل ناهي ڪيو ويو جنهن سبب هن قومي اسپرنٽر ۾ گڏيل طور تي پنهنجي لاهور ۾ ٽريننگ جاري رکي. ذريعن جو چوڻ آهي ته فائقه رياض پاڪستان اسپورٽس بورڊ جي اسپانسرڊ ايٿليٽس سان گڏ جاپان به نه پئي وڃي. ايشين گيمز ۾ شرڪت جي لاءِ انهي کي لاڳاپيل اختيارين کان اين او سي جي به ضرورت پوندي. انهي کان اڳ فائقه رياض ڪامن ويلٿ گيمز ۾ به پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن جي حوالي سان شرڪت ڪري چڪي آهي. ذريعن موجب ايٿليٽڪس فيڊريشن طرفان ايشين گيمز جي لاءِ فائقه رياض جو نالو ناهي اماڻيو ويو جنهن سبب هو پاڪستان اسپورٽس بورڊ جي اسپانسرڊ ايٿليٽس جي فهرست ۾ شامل نه ٿي سگهي جڏهن ته پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن فائقه رياض جي ايونٽ ۾ شرڪت جا خرچ برداشت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻئي طرف قومي چيمپين ايٿليٽ کي حڪومتي سرپرستي نه ملڻ جي معاملي رانديگرن، ادارن جي وچ ۾ اختلافن تي به سوال اٿاري ڇڏيا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته فيڊريشن ۽ پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن جي اختلافن سبب قومي سطح تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ايٿليٽس مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 22

خيبرپختونخواهه حڪومت اڳوڻي وزيراعليٰ علي امين گنڊاپور جي اباڻي ضلعي ڊيره اسماعيل خان جا ترقياتي فنڊ روڪي ڇڏيا. خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي ۽ اڳوڻي وزيراعليٰ علي امين گنڊاپور جي وچ ۾ لاڳاپا گذريل ڪجهه وقت کان ڇڪتاڻ ۾ آهن. جڏهن ته علي امين گنڊاپور وزيراعليٰ سهيل آفريدي جو نمبر به بلاڪ ڪري رکيو آهي. قومي اسيمبلي جي ميمبر فيصل امين گنڊاپور ڊيره اسماعيل خان جا فنڊ روڪڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته خيبرپختونخواهه حڪومت جي آخري رليز جنهن جي گڏيل ماليت 43 ارب روپيه هئي، جنهن مان ڊيره اسماعيل خان کي صرف 8 ڪروڙ روپيه ڏنا ويا. فيصل امين گنڊاپور جو چوڻ هو ته ڊيره اسماعيل خان ۾ جاري ترقياتي منصوبن ۾ 50 کان 60 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ماليت جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن جي رقم واجبات جي صورت ۾ موجود آهي، پر مالي سال 27-2026 جي لاءِ اهڙن منصوبن کي ٻڙي بجيٽ ۾ رکيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته اي ايس ڊي آئي، ڊي آئي خان جي لاءِ به هلندڙ مالي سال ڪابه بجيٽ ناهي رکي وئي انهي منصوبي جي بجيٽ بالڪل ٻڙي ڏيکاري وئي آهي.

بقايا *** 23

آهي ته ايراني عوام ڪڏهن به هٿيار نه ڦٽا ڪندو ۽ ايران کي دٻاءَ ذريعي جهڪڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" (X) تي جاري ڪيل هڪ بيان ۾، پزشڪيان آمريڪا پاران شهري تنصيبات، خوراڪ جي فراهمي ۽ ماڻهن جي روزگار کي نشانو بڻائڻ تي سوال اٿاريا. هن آمريڪا کي چئلينج ڪندي چيو ته شهري بنيادي ڍانچي ۽ خوراڪ کي جو نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ زور ڏنو ته جيڪڏهن آمريڪا ۾ همت آهي ته ان کي ايراني فوج جو مقابلو ڪرڻ گهرجي. ايراني صدر بنيادي ضرورتن تائين رسائي محدود ڪرڻ تي به آمريڪا تي تنقيد ڪئي، هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن آمريڪي انسانيت تي يقين رکن ٿا، ته پوءِ ماڻهن کي پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن تائين رسائي کان ڇو محروم ڪيو پيو وڃي؟ پزشڪيان واضح ڪيو ته ايران کي دٻاءَ ۽ ڌمڪين ذريعي جهڪڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي ۽ ملڪ ڪڏهن به هٿيار نه ڦٽا ڪندو.

بقايا *** 24

صديقي جي ڪار چوري ٿي وئي، جنهن بابت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڳالهائيندي جمال صديقي ٻڌايو ته اها ڪار سندس ڀاءُ استعمال ڪري رهيو هو. جڏهن سندس ڀاءُ هڪ ريسٽورنٽ مان ماني کائي واپس موٽيو ته ڪار غائب هئي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سندس ڀاءُ، ظهير الدين، ڪار چوري ٿيڻ بابت زمان ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائي چڪو آهي.

بقايا *** 25

مرتضيٰ شاهه موجب، عمري جي زائرين جي سهولت لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ جو ويڪسينيشن سينٽر اڄ ڇنڇر ڏينهن به کليل رهندو. هن شهرين کي صلاح ڏني ته ويڪسينيشن سينٽر اچڻ کان اڳ نادرا (NADRA) ايپ يا ڪنهن سهولت مرڪز (فيسيليٽيشن سينٽر) ذريعي بايو ميٽرڪ عمل مڪمل ڪري وٺن. هيلٿ سروسز جي فوڪل پرسن موجب، گهربل مختلف ويڪسينز جي مجموعي فيس 4,500 رپيا آهي، اداڪي جي ذريعي نادرا ايپ يا سهولت مرڪز ذريعي ڪري سگهجي ٿي. بارڊر هيلٿ سروسز واضح ڪيو ته عمري ۽ سعودي ويزا لاءِ نادرا جو ويڪسينيشن ڪارڊ لازمي آهي. هن ويڪسينيشن ڪارڊ کان بغير 14 سيپٽمبر 2026 کان پوءِ سعودي عرب جو سفر ڪرڻ جي اجازت نه هوندي.

بقايا *** 26

جي قيمت سان ڪو به تعلق ناهي. هڪ مافيائي نظام تحت ڪجهه ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ عوام سان ظلم ڪيو پيو وڃي. عوام پيٽروليم ليوي کي "پتو ٽيڪس" قرار ڏنو آهي. هن چيو ته هر گذرندڙ ڏينهن سان ڌرڻن ۽ عوام جي شرڪت وڌي رهي آهي. سڄي ملڪ ۾ جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن ۽ 36 شهرن ۾ ڌرڻا هلي رهيا آهن. 20 سيپٽمبر تي چئني پاسن سان اسلام آباد ايندا سين. ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته عوام پيٽروليم ليوي کي "پتو ٽيڪس" قرار ڏنو آهي، حڪومت کي پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻي پوندي. اسان حڪومت کي تمام مناسب تجويزون ڏنيون آهن. جيڪڏهن وياج جي شرح ۾ 3 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي وڃي ته 1700 ارب رپيا بچائي سگهجن ٿا. شهباز شريف جواب ڏئي ته وياج جي شرح گهٽ ڇو نٿا ڪن. هن چيو ته ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي مطالبن تان هٿ نه کڻنداسين. اسان پيٽروليم ليوي ختم ڪرائڻي آهي. 36 شهرن ۾ ڌرڻا جاري آهن ۽ 20 سيپٽمبر تي چئني پاسن کان اسلام آباد ايندا سين. جيڪڏهن حڪومت ٽال مٽول کان ڪم ورتو ته ڳالهين جو سلسلو ختم ڪري ڇڏينداسين. جماعت اسلامي جي امير چيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ طرفان آل پارٽيز ڪانفرنس (اي پي سي) ۾ سڏايو ويو ته ضرور شرڪت ڪنداسين. اسان پي ٽي آءِ جي باني عمران خان کي سياسي قيدي سمجهون ٿا، جڏهن ته مخالف ڌر سان اسان جا رابطا قائم آهن.

بقايا *** 27

ٿيڻ رهيو آهي. واشنگٽن پوسٽ جي خاص رپورٽ موجب طالبان حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ القاعده افغانستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 8 نوان تربيتي مرڪز قائم ڪيا آهن. طالبان حڪومت القاعده ۽ ٻين دهشتگرد گروهن لاءِ افغانستان ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو انهن لاءِ سازگار بڻجي رهيو آهي. رپورٽ موجب افغانستان جي مختلف علائقن ۾ القاعده جون محفوظ پناهگاهون ۽ تربيتي ڪئمپ ٻيهر سرگرم ٿي رهيا آهن. جڏهن ته القاعده ۽ ٻين دهشتگرد تنظيمن افغانستان جي گهٽ ۾ گهٽ 14 صوبن ۾ پنهنجا پير ڄمائي ڇڏيا آهن. واشنگٽن پوسٽ موجب افغانستان ۾ القاعده هاڻي رڳو پناهه وٺڻ تائين محدود ناهي، پر ٻين دهشتگرد گروهن کي تربيت ۽ صلاح مشورا پڻ فراهم ڪري رهي آهي. القاعده افغانستان ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) سميت ٻين گروهن کي ڳجهن ڪارروائين ۽ سلامتي بابت تربيت ڏئي رهي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گڏيل قومن موجب افغانستان ۾ القاعده جا ڪارڪن ٽي ٽي پي لاءِ آپگهاتي حملي ڪندڙن کي تربيت پڻ ڏئي رهيا آهن. اندازو آهي ته ٽي ٽي پي جا لڳ ڀڳ 7 هزار ويڙهاڪ افغانستان ۾ موجود آهن. جيڪي پاڪستان خلاف ڪارروايون ڪري رهيا آهن. ٽي ٽي پي افغانستان جي گهٽ ۾ گهٽ 4 صوبن ۾ ڪئمپ قائم ڪري رکيا آهن. جتي القاعده ۽ طالبان جي ملوث هجڻ جون رپورٽون سامهون آيون آهن. واشنگٽن پوسٽ موجب افغان سرزمين تان ٽي ٽي پي پاران پاڪستاني فوجي چوڪين ۽ ٻين هدفن تي سوين سرحد پار حملا ڪيا ويا آهن. طالبان جي اثر هيٺ افغانستان ٽي ٽي پي لاءِ محفوظ پناهه گاهه ۽ پاڪستان مخالف دهشتگردي جو اهم مرڪز بڻجي چڪو آهي. رپورٽ موجب افغانستان ۾ القاعده سان گڏ داعش خراسان پڻ پنهنجو نيٽ ورڪ وڌائي رهي آهي. داعش خراسان لڳ ڀڳ 2 هزار ويڙهاڪ ڀرتي ڪيا آهن ۽ اهي افغانستان کي تربيت ۽ ڪارروائين جو مرڪزي هنڌ بڻايو آهي. افغانستان ۾ القاعده ۽ داعش خراسان سميت مختلف جهادي تنظيمن جي وڌندڙ موجودگي سبب خطي کي دهشتگردي جي هڪ نئين خطري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته طالبان حڪومت جي دور ۾ افغانستان ۾ دهشتگرد گروهن جي سرگرمين جو ٻيهر منظم ٿيڻ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ سنگين خطرو بڻجي رهيو آهي. افغانستان ۾ القاعده ۽ داعش خراسان مقامي ماڻهن ۽ پاڙيسري ملڪن مان نوان ويڙهاڪ ڀرتي ڪرڻ ۾ پڻ ڪامياب ٿي رهيون آهن. رپورٽ موجب آمريڪي انٽيليجنس جي صلاحيتن ۾ گهٽتائي سبب افغانستان ۾ قائم ٿيندڙ نون دهشتگرد تربيتي مرڪزن جي نگراني ڏکي ٿي وئي آهي. طالبان حڪومت جي دعوائن جي ابتڙ افغانستان ۾ القاعده، داعش خراسان ۽ ٻين دهشتگرد گروهن جي سرگرميون جاري آهن. [illegible] سرگرمين نئون چئلينج آهي. اخبار موجب افغانستان هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙو ماحول فراهم ڪري رهيو آهي، جتي القاعده ۽ ٻيا دهشتگرد گروهه پنهنجيون صلاحيتون بحال ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 28

ئي ورهاڱي ۽ نئين صوبي جو شوشو ڇڏيو آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي جي بيان تي ردعمل ڏيندي قادر پٽيل چيو ته مصطفيٰ ڪمال ماضيءَ ۾ پاڻ خالد مقبول صديقيءَ کي ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" جو ايجنٽ قرار ڏئي چڪو آهي. خالد مقبول صديقي وضاحت ڪن ته مصطفيٰ ڪمال ان وقت ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو يا اڄ سچ ڳالهائي رهيو آهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم عوام کي نون صوبن جو لولي پاپ ڏيڻ کان اڳ اهو به ٻڌائي ته بوري ۾ بند لاشون ڪنهن جي ثقافت هئي ۽ ڀتي جي لالچ ۾ ڪراچيءَ جون صنعتون ڪنهن تباهه ڪيون؟ قادر پٽيل چيو ته ايم ڪيو ايم مگرمڇ جا ڳوڙها وهائڻ بند ڪري. پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام کي ورهائڻ جي هر ڪوشش خلاف جمهوري ۽ آئيني جدوجهد جاري رکندي. هن چيو ته خالد مقبول صديقي جيترا ڀيرا صوبائي ڪارڊ کيڏندا، عوام اوترائي کين ماضي جو حساب گهرندا.

بقايا *** 29

اليڪٽرڪ ڌابيجي تي بجلي جي بندش جو سبب ڪيبل فالٽ قرار ڏئي ڇڏيو واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب بريڪ ڊائون سبب ڌابيجي جي [illegible] ۽ ڪي ٿري پمپ هائوس جي بجلي بند ٿي وئي. ڌابيجي تي بجلي جي بندش سبب 21 مان 10 پمپ غير فعال ٿي ويا. ترجمان واٽر ڪارپوريشن ٻڌايو ته 10 پمپ بند هجڻ سبب ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي جزوي طور متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته ترجمان جو چوڻ آهي ته بجلي جلد بحالي جي لاءِ ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه سان مسلسل رابطي ۾ آهيون. بجلي بحال ٿيندي ئي 10 پمپ فوري طور تي فعال ڪيا ويندا. انهي کان علاوه بيان ۾ ٻڌايو آهي ته بجلي جي بحالي ڪانپوءِ فوري بعد متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي معمول موجب بحال ڪئي ويندي. ٻئي طرف ڪي اليڪٽرڪ طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته جهاڙين ۾ باهه سبب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جون ڪيبلز متاثر ٿيون، ٽيڪنيڪل ٽيم واٽر ڪارپوريشن جي ڪيبلز ۾ باهه لڳڻ واري جڳهه تي موجود آهي. ترجمان ڪي اليڪٽرڪ جو چوڻ آهي ته بجلي جي فراهمي جي جلد بحالي جي لاءِ واٽر ڪارپوريشن سان مسلسل رابطي ۾ آهيون.

بقايا *** 30

گردي سان ڳنڍڻ کان صاف انڪار ڪندي چيو ته ملائيشيا جي سلامتي وارن ادارن کيس اهو نه ٻڌايو آهي ته پاڪستان جي رياست دهشتگردي سان ڳنڍيل آهي. برڪس سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڀارت جي دوري تي آيل ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ڀارتي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي غزه ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪئي. انور ابراهيم فلسطين تي اسرائيلي قبضي جي خاتمي جو مطالبو ڪندي چيو ته غزه ۾ لڳاتار جاري اسرائيلي حملا اسرائيل جي رياستي دهشتگردي آهن. ان موقعي تي ڀارتي صحافي پنهنجي سوال ذريعي پهلگام واقعي کي پاڪستان سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي انور ابراهيم چيو ته ملائيشيا جي سلامتي وارن ادارن کيس اهو نه ٻڌايو آهي ته پاڪستان جي رياست دهشتگردي سان ڳنڍيل آهي، جڏهن ته پهلگام واقعي بابت به کيس ڪو ثبوت فراهم نه ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 31

هي ڏيڻ لاءِ اسٽڊي اِن ملائيشيا ايجوڪيشن فيئر پاڪستان 2026ع جو ڪراچي جي آواري ٽاورز ۾ افتتاح ڪيو ويو. ٻن ڏينهن وارو تعليمي ميلو 12 ۽ 13 سيپٽمبر تي جاري رهندو جنهن ۾ ملائيشيا جي نامور يونيورسٽين جا نمائندا شرڪت ڪري رهيا آهن. افتتاحي تقريب جو خاص مهمان ڪراچي ۾ ملائيشيا جو قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم هو جنهن ربن ڪاٽي تعليمي ميلي جو افتتاح ڪيو تعليمي ميلي ۾ شاگردن کي ملائيشيا جي مختلف يونيورسٽين ۾ موجود ڊگري پروگرامن، داخلا جي طريقيڪار، وظيفن ۽ مستقبل ۾ روزگار جي موقعن بابت معلومات فراهم ڪئي پئي وڃي. شاگردن کي يونيورسٽين جي نمائندن سان سڌي ملاقات ۽ پنهنجي تعليمي ترجيحن موجب انفرادي رهنمائي حاصل ڪرڻ جو موقعو پڻ ڏنو پيو وڃي. ان موقعي تي پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ وڌندڙ تعليمي ۽ عوامي لاڳاپن کي اجاگر ڪيو ويو. تقريب دوران شاگردن کي ملائيشيا کي اعليٰ معيار جي عالمي تعليم ۽ بهتر مستقبل جي پيشورانه موقعن لاءِ هڪ اهم تعليمي مرڪز طور چونڊڻ جي ترغيب ڏني وئي. منتظمين موجب تعليمي ميلي وسيلي پاڪستاني شاگردن کي ملائيشيا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل معلومات هڪ ئي هنڌ فراهم ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته يونيورسٽين جا نمائندا شاگردن کي داخلا، تعليمي پروگرامن، وظيفن ۽ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ روزگار جي موقعن بابت سڌي رهنمائي فراهم ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 32

ميمبر تخمين ابراهيم جونيجو ۽ محترمه امبر پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. ٻنهي اڳواڻ عورتن فنڪشنل ليگ هائوس ڪراچي ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سان ملاقات دوران پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي فنڪشنل ليگ ضلعي مليرجي صدر قادر لغاري، بيرسٽر سونيا علي ايڊووڪيٽ ۽ سعيده سليم ايڊووڪيٽ پڻ موجود هيون پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ عورتن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته فنڪشنل ۾ زميندارن ۽ ڪارڪنن سان گڏجي فنڪشنل ليگ کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻايو ويندو هن چيو ته عورتن جي سياسي ڪردار کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ فنڪشنل ليگ جو پليٽ فارم اهم حيثيت رکي ٿو نيون شامل ٿيندڙ عورتون پارٽي جو پيغام منشور عوام تائين پهچائڻ ۾ تنظيمي سرگرمين ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون. ان موقعي تي فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيندڙ تخمين ابراهيم جونيجو چيو ته عورتن لاءِ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل هڪ بهترين سياسي پليٽ فارم آهي، جنهن تي اسان جو اعتماد آهي. هن چيو ته پير صاحب پاڳاري جي قيادت ۾ پارٽي کي وڌيڪ سرگرم ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون ۽ عورتن کي سياسي عمل ۾ وڌ کان وڌ متحرڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکنديون. تخمين ابراهيم جونيجو پارٽي قيادت پاران ڀليڪار ۽ اعتماد جو اظهار ڪرڻ تي سردار عبدالرحيم ۽ ٻين اڳواڻن جا ٿورا مڃيا.

بقايا *** 33

جي ڏوهن جون 46 هزار کان وڌيڪ وارداتون رپورٽ ٿيون. ان دوران 348 ڄڻا قتل ٿيا، هزارين شهري قيمتي سامان کان محروم ٿيا، جڏهن ته گاڏين، موٽرسائيڪلن ۽ موبائيل فونن جي چوري ۽ ڦر جا واقعا پڻ وڏي انگ ۾ سامهون آيا. انگن اکرن موجب جنوري کان آگسٽ تائين ڪراچي ۾ مختلف واقعن دوران 348 ڄڻا قتل ڪيا ويا، جن ۾ ڦرلٽ دوران مزاحمت ڪرڻ تي قتل ٿيل 55 شهري پڻ شامل آهن. رپورٽ موجب 8 مهينن دوران اغوا جا 1788 واقعا رپورٽ ٿيا، جن ۾ ٻين سببن سان گڏ جهيڙن ۽ ذاتي معاملن سان لاڳاپيل واقعا پڻ شامل آهن. جڏهن ته ڀنگ لاءِ اغوا جا 18 ڪيس داخل ڪيا ويا. ان عرصي دوران ٻارن جي اغوا جا 224 کان وڌيڪ واقعا پڻ رپورٽ ٿيا. شهر ۾ ڦرلٽ ۽ چوري جون وارداتون پڻ شهرين لاءِ وڏو مسئلو بڻيل رهيون. 8 مهينن دوران گهرن ۽ دڪانن ۾ ڦرلٽ سميت ڌاڙن ۽ چوري جا 2530 کان وڌيڪ واقعا رپورٽ ٿيا. انگن اکرن موجب ڪراچي جي مختلف علائقن مان 898 ڪارون ڦريون يا چوري ڪيون ويون، جڏهن ته 12 هزار کان وڌيڪ موٽرسائيڪلون شهرين کان ڦريون ويون يا چوري ٿي ويون. ساڳئي عرصي دوران 12 هزار 846 قيمتي موبائل فون ڦرڻ يا چوري جا واقعا رپورٽ ٿيا. رپورٽ موجب ٻين 194 گاڏين جي ڦر يا چوري جا واقعا پڻ سامهون آيا، جڏهن ته چوري جون وڌيڪ 1485 وارداتون رپورٽ ٿيون. ان دوران غيرقانوني هٿيارن بابت 3394 کان وڌيڪ ڪيس، جڏهن ته جواءِ جي سٽي جا 246 کان وڌيڪ ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا. ٻئي طرف پوليس جي اعليٰ اختيارين طرفان ڪراچي ۾ ڏوهن جي شرح ۾ گهٽتائي جون دعوائون ڪيون وينديون رهيون آهن. پر رپورٽ ۾ ڏنل انگن اکرن موجب شهر ۾ شهري اڃا تائين قتل، اغوا، ڦرلٽ، چوري ۽ ٻين ڏوهن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 34

ڏينهن به کليل رهيو. فوڪل پرسن بارڊر هيلٿ سروسز غلام مرتضيٰ شاهه موجب، عمره زائرين کي ويڪسينيشن جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ جو ويڪسينيشن سينٽر آچر ڏينهن به کليل رکيو ويو. هن شهرين کي هدايت ڪئي ته نادرا ايپ يا سهولت مرڪز تان بايوميٽرڪ مڪمل ڪرائي پوءِ ويڪسينيشن سينٽر اچن. سندس چوڻ موجب، مختلف ويڪسينن جي مجموعي فيس ساڍا 4 هزار رپين تائين آهي، جيڪا نادرا ايپ يا سهولت مرڪز ذريعي ادا ڪئي ويندي. بارڊر هيلٿ سروسز موجب، نادرا ويڪسينيشن ڪارڊ عمره ۽ سعودي عرب جي وزٽ ويزا لاءِ لازمي قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته 14 سيپٽمبر 2026ع کان پوءِ ويڪسينيشن ڪارڊ نه هجڻ جي صورت ۾ سعودي عرب وڃڻ جي اجازت نه هوندي.

بقايا *** 35

و سروسز 1122 کي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. گيان چند اسراڻي سڀني ادارن کي ڪنهن به ممڪن هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو آهي. هن چيو ته 13 کان 16 سيپٽمبر تائين سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ وقفي وقفي سان مينهن، طوفان ۽ تيز هوائن لڳڻ جو امڪان آهي. ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٺٽو، سڄاول ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ مٽيءَ جي هوائن ۽ گجگوڙ سان مينهن جو امڪان آهي. سانگهڙ، خيرپور، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، مٽياري، شهيد بينظيرآباد ۽ ڄامشورو ۾ هلڪي کان وچولي شدت واري برسات جو امڪان آهي. ڪراچي ڊويزن ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين وقفي وقفي سان هلڪي برسات ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيان چند اسراڻي ڊپٽي ڪمشنرن، ضلعي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز ۽ لاڳاپيل کاتن کي مشينري ۽ عملي کي تيار رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو ته هيٺاهين وارن علائقن، طوفاني نالن ۽ حساس هنڌن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي، پاڻي نيڪال ڪرڻ واري مشينري ۽ ٻيا وسيلا فعال رکيا وڃن. شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ اولين ترجيح آهي. ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ پي ڊي ايم اي ۽ بچاءَ ڪندڙ ادارن کي الرٽ رهڻ گهرجي. وزير اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيان چند اسراڻي عوام کي غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي به اپيل ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

ناانصافي ڪري رهيو آهي، جنهن سبب سنڌن فصل ۽ مالي نقصان ٿي رهيو آهي. موسيٰ پليجو جو چوڻ آهي ته اسان سارين جي فصل تي وڏو خرچ ڪيو آهي. جڏهن اسان پنهنجي سارين جو لاپارو ڪرايو ته جمال پليجو به پنهنجي سارين جو لاپارو ڪرايو. سنڌس زمين اسان جي زمين جي مٿين پاسي هجڻ سبب اسان جي فصل کي نقصان پهتو. موسيٰ پليجي موجب، اسان جمال پليجو ڪان صرف هڪ ڏينهن جو وقت گهريو هو ته جيئن پهريان اسان پنهنجو ڪم مڪمل ڪري وٺون، پر هن اسان جي ڳالهه نه مڃي ۽ ٽريشر هلائڻ شروع ڪري ڇڏيو. هن چيو ته اسان سارين تي لکين رپيا خرچ ڪيا آهن، جڏهن ته ٽريشر هلائڻ سبب اسان جي ڪم ۾ رڪاوٽ ۽ نقصان ٿيو. موسيٰ پليجي موجب، معاملي بابت جنگشاهي ٿاڻي تي پڻ شڪايت ڪئي وئي، جنهن ڪان پوءِ پوليس ڪجهه وقت لاءِ ٽريشر بند ڪرايو، پر الزام آهي ته ان باوجود رات دير تائين ٽريشر هلندو رهيو. زهره پليجو ۽ موسيٰ پليجو جو الزام آهي ته ڪين جنگشاهي پوليس ڪان به مناسب انصاف نه مليو. متاثر ڌر جو مطالبو آهي ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، سنڌن فصل کي پهتل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ۽ غريبن سان انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

سڪول ۾ شاگردن جي وڏي انگ جي مقابلي ۾ صرف هڪ استاد مقرر هجڻ ۽ فرنيچر موجود نه هجڻ سبب ٻار پٽ تي ويهي پڙهڻ تي مجبور آهن، جنهن خلاف شاگردن احتجاج پڻ ڪيو. شاگردن پاران هٿن ۾ احتجاجي بينر کڻي اسڪول جي عمارت اڳيان احتجاج ڪندي فرنيچر، بجلي، سولر سسٽم، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ شاگردن جي STRمطابق وڌيڪ استاد مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. معصوم شاگردن جو چوڻ هو ته هو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول اچن ٿا، پر ويهڻ لاءِ ڊيسڪون ۽ بينچون نه هجڻ سبب کين زمين تي ويهي پڙهڻو پوي ٿو. اسڪول جي عمارت موجود هجڻ باوجود بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب اسڪول جو تعليمي ماحول سخت متاثر ٿي رهيو آهي. پيئڻ جي صاف پاڻي، بجلي ۽ سولر سسٽم جي سهولت نه هجڻ ڪري خاص طور تي سخت گرمي دوران شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جڏهن ته فرنيچر نه هجڻ سبب ننڍڙا ٻار زمين تي ويهي سبق پڙهڻ تي مجبور آهن. شاگردن جي والدين ۽ علائقي واسين موجب، لڳ ڀڳ 150 شاگردن جو تدريسي بار هڪ استاد تي هجڻ سان تعليمي عمل متاثر ٿئي ٿو. هڪ استاد لاءِ ايتري وڏي تعداد ۾ شاگردن کي هڪ ئي وقت پڙهائڻ، انهن تي انفرادي توجهه ڏيڻ ۽ تعليمي معيار برقرار رکڻ انتهائي ڏکيو بڻجي وڃي ٿو، جنهن جو سڌو سنئون اثر ٻارن جي تعليم ۽ مستقبل تي پئجي سگهي ٿو. والدين ۽ ڳوٺاڻن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته موجوده دور ۾ تعليم کي ترقي جي بنياد ۽ هر ٻار جو بنيادي حق قرار ڏنو وڃي ٿو، پر جان محمد پنهيرو پرائمري اسڪول جا معصوم شاگرد اڃا تائين فرنيچر، صاف پاڻي، بجلي ۽ مناسب استادن جهڙين بنيادي سهولتن ڪان محروم آهن. جيڪا صورتحال لاڳاپيل اختيارين جي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿاري ٿي. علائقي واسين، والدين ۽ شاگردن سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي وزير تعليم، سيڪريٽري تعليم، ڊائريڪٽر تعليم، ضلعي تعليم آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين ڪان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته جان محمد پنهيرو پرائمري اسڪول جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي، شاگردن جي STRمطابق گهربل استاد مقرر ڪيا وڃن، ڊيسڪون ۽ بينچون فراهم ڪيون وڃن، صاف پيئڻ جو پاڻي، بجلي ۽ سولر سسٽم مهيا ڪيو وڃي ۽ اسڪول ۾ سموريون بنيادي سهولتون يقيني بڻايون وڃن، ته جيئن علائقي جا 150 معصوم ٻار پٽ تي ويهي پڙهڻ بدران هڪ باوقار، محفوظ ۽ بهتر تعليمي ماحول ۾ پنهنجو مستقبل سنواري سگهن

بقايا عوامي سوچ 03

نگشاهي: ٺٽي ضلعي جي وڏي ۾ وڏي پهاڙي ڪاري جبل تي واقع درگاهه حضرت ڪارو اصحابو رحمت الله عليه جو ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. جنگشاهي پرسان ڪوهستان جي انتهائي اوچي پهاڙي تي قائم درگاهه جو عرس درگاهه جي سنڀال ڪندڙن وقار علي جوکيو، مدثر رحيم جوکيو، الطاف جوکيو، زوهيب جوکيو، ارشد جوکيو ۽ ڪمبير احمد جوکيو جي نگراني ۾ منعقد ڪيو ويو. عرس جي موقعي تي وڏي انگ ۾ عقيدتمندن شرڪت ڪئي، جڏهن ته لنگر عام ڪانپوءِ محفل مولود جو اهتمام ڪيو ويو. محفل ۾ ٺٽي جا مشهور مولودي محمد ملوڪ جي ٻاري ۽ حاجي نواز علي جوکيو پنهنجي ساٿين سميت شريڪ ٿيا ۽ شان رسالت صه ۾ نعتيه مولود پيش ڪري محفل کي روحاني رنگ بخشي ڇڏيو. ان موقعي تي عقيدتمندن پاران وڏي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو. آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي، امن ۽ امان، عوام جي سلامتي ۽ ڪوهستان جي علائقي تي رحمت جون برساتون وسڻ لاءِ پرسوز دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 04

لي خان بروهي ڪميونٽي هال ۾ صحافي رضوان علي بروهي جي وڏي ڀيڻ ۽ محمد سليم بروهي جي گهرواري مرحومه جي ايصال ثواب لاءِ ختم چهلم، قرآن خواني، دعاءِ مغفرت ۽ ميلادِ مصطفيٰ صه جي بابرڪت محفل منعقد ڪئي وئي. محفل کي الحاج مولانا فضل الله حسيني خطاب ڪندي قرآن پاڪ جي تعليمات، سيرتِ طيبه ۽ حضور نبي ڪريم صه جي محبت ۽ اتباع جي اهميت تي روشني وڌي. هن چيو ته مسلمانن لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي زندگي حضور اڪرم صه جي تعليمات موجب گذارين ۽ نيڪ عملن ذريعي آخرت جي تياري ڪن. ان موقعي تي قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ختم قرآن ڪيو ويو، جڏهن ته نعت خوانن پاران حضور نبي ڪريم صه جي شان ۾ نعتون پيش ڪيون ويون. بعد ۾ مرحومه جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. محفل ۾ مرحومه جي وارثن، مٽن مائٽن، دوستن، صحافين ۽ علائقي جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. محفل جي پڄاڻيءَ تي سمورن مرحوم مسلمانن، ملڪ ۽ قوم جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ پڻ خصوصي دعائون ڪيون ويون. ان موقعي تي وارثن پاران محفل ۾ شرڪت ڪري مرحومه جي ايصال ثواب ۾ شريڪ ٿيندڙ سمورن مٽن مائٽن، دوستن، صحافين ۽ علائقي واسين جو ٿورو مڃيو ويو

بقايا عوامي سوچ 05

فروشن ۽ مٽيريل سپلاءِ ڪندڙن سميت 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. ڪارروائين دوران 4400 پڙيون گٽڪا ماوا، هڪ سوزوڪي پڪ اپ، 3 موٽرسائيڪلون، 2 موبائل فون، 45 بيگ، 10 ليٽر ڪچو شراب ۽ 7 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪيو ويو. جڏهن ته جوابدارن خلاف ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ايس ايچ او ٿاڻو گاڏهو انسپيڪٽر عبدالغفار شاهه عملي سان گڏ گاڏهو ٿاڻي جي حد ڏانداري لنڪ روڊ، درگاهه سليم شاهه پرسان ڪارروائي ڪندي سوزوڪي پڪ اپ نمبر LB_4837 تحويل ۾ ورتي، هڪ گٽڪا مٽيريل سپلاءِ ڪندڙ جوابدار عيسيٰ ولد محمد عمر ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو. سنڌس قبضي مان 200 ڪلو گٽڪا مٽيريل ۽ 500 پڙيون گٽڪا ماوا هٿ ڪيا ويا. ايس ايچ او ٿاڻو جهرڪ انسپيڪٽر فيض علي شاهه عملي سان گڏ ملوڪ جهرڪو ڳوٺ ۽ جهرڪ شهر ۾ ڪارروايون ڪندي 3 موٽرسائيڪلون تحويل ۾ ورتيون ۽ 4 گٽڪا فروشن کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدارن ظهير احمد ولد محمد عيسيٰ جاگهرو ۽ جهانگير ولد محمد ايوب گندرو وٽان 3800 پڙيون گٽڪا ماوا، جڏهن ته پپو ولد دين محمد ٻٻر ۽ پوڙهو ولد صديق ٻٻر وٽان 100 پڙيون گٽڪا ماوا هٿ ڪيون ويون. هوڏانهن ايس ايچ او ٿاڻو ٺٽو انسپيڪٽر رياض حسين سومرو، پوليس پوسٽ ٺٽو جي انچارج سب انسپيڪٽر راجا ظفر اقبال راجپوت ۽ عملي سان گڏ درگاهه بابو شاهه بودلو پرسان ڪارروائي ڪندي ڪچي شراب جي ڀٽي کي مسمار ڪري ڇڏيو. ڪارروائي دوران منشيات فروشن ساجن ولد بشير شيخ، راشد ولد رضوان ٻڪڪ، امير ولد قربان جاگهرو ۽ غلام حيدر عرف نادر علي ولد محمد صالح مغل کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 45 بيگ ۽ 10 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو ويو. ساڳئي ڪارروائي دوران منشيات فروشي جي الزام هيٺ رضا شاهه عرف سجاد شاهه کي پڻ گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 7 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 06

طور تي ڏيهي گٽڪي جي وڪري جون شڪايتون سامهون اچڻ بعد شهرين ۾ سخت ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته ماضي ۾ گٽڪي جي استعمال سبب ڪيترائي نوجوان وات جي ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پنهنجيون قيمتي جانيون وڃائي چڪا آهن، جنهن ڪري گٽڪي جي ٻيهر دستيابي انتهائي تشويش جوڳي صورتحال آهي. شهرين موجب، صوبي ۾ منشيات ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار شين خلاف ڪارروائين جي دعوائن باوجود نئون ڪوٽ ۾ مبينا طور تي انڊين گٽڪي جي کليل وڪري ڪان پوءِ هاڻي ڏيهي گٽڪي جي دستيابي پڻ انتظامي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿاري رهي آهي. ٻئي طرف ميرپورخاص ضلعي جي نئين ايس ايس پي ساجد سدوزئي پاران پوليس اهلڪارن جي مائوٽ اسڪيننگ ۽ منشيات جي روڪٿام لاءِ سخت هدايتون جاري ڪيون ويون آهن، جڏهن ته منشيات جي وڪري ۽ ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪرڻ جا پڻ واضح حڪم ڏنا ويا آهن. انهن حڪمن ڪان پوءِ نئون ڪوٽ پوليس جي ايس ايچ او پوليس نفري سان گڏ شهر جي مختلف علائقن ۾ گشت ڪندي دڪاندارن ۽ ڪيبن مالڪن کي منشيات، گٽڪي ۽ ٻين مضر صحت شين جي وڪري ڪان پاسو ڪرڻ بابت سخت تنبيهه ۽ وارننگ جاري ڪئي. تنهن هوندي به شهرين جو چوڻ آهي ته رڳو وارننگون جاري ڪرڻ بدران گٽڪي جي مبينا وڪري ۾ ملوث دڪاندارن ۽ ٻين عنصرن خلاف قانون موجب عملي ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن گٽڪي جي وڪري جو سلسلو مستقل طور روڪي سگهجي ۽ نوجوان نسل کي هن موذي ۽ صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار نشي ڪان محفوظ بڻائي سگهجي. شهرين لاڳاپيل اختيارين ڪان مطالبو ڪيو آهي ته نئون ڪوٽ ۾ گٽڪي ۽ ٻين مضر صحت شين جي وڪري خلاف مستقل بنيادن تي نگراني ۽ ڪارروائي يقيني بڻائي، ته جيئن ماضي ۾ پيش آيل نقصانڪار صورتحال ٻيهر پيدا نه ٿي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 07

وڳي ڊي سي آفيس ٺٽو کان دبئي اسٽور تائين پرامن ريلي ڪڍي ويندي. ريلي جي اڳواڻي ملڪ نور جوکيو ڪندو، جڏهن ته نور نبي خاصخيلي، ياسين جوکيو، عابد علي جوکيو، حضور احمد بروهي ۽ فياض علي خاصخيلي سميت ٻيا ميمبر پڻ شرڪت ڪندا. ريلي جي منتظمين پاران شهرين کي پرامن ريلي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي. محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن جي سعادت حافظ احسان الله چشتي ۽ مولوي صديق چشتي حاصل ڪئي. ان کان پوءِ نعت خوانن پاران سرورِ ڪائنات، رحمتِ عالم حضرت محمد مصطفيٰ صه جي بارگاهه اقدس ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي نعتون پيش ڪيون ويون، جن سان محفل جو ماحول عشقِ رسول صه جي جذبن سان سرشار ٿي ويو. محفل دوران قربان علي چشتي، عرفان خاصخيلي، آصف خاصخيلي سجاد خاصخيلي اويس راجپوت سميت ٻين نعت خوانن حضور پاڪ صه جي شان ۾ نعتون پيش ڪري شرڪت ڪندڙن کان داد حاصل ڪيو محفل کي. خصوصي خطاب مولوي اصغر صادق لاهور واري ڪئي جشن عيد ميلادالنبي صه جي هن بابرڪت محفل جي انتظامن ۾ محمد رمضان عرف سهٽو خاصخيلي ميوو خاصخيلي ،محرم ، الهڏنو خاصخيلي منور حسين خاصخيلي ياسين راجپوت ۽ روشن خاصخيلي اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ته محفل جي پڄاڻيءَ تي امتِ مسلمه، ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون.ا

بقايا عوامي سوچ 09

وڳي وچ شهر ۾ قائم سنڌس رند شاپنگ سينٽر تي قبضو ڪري چوڪيدار مختيار رند کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي، جڏهن ته دڪانن ۾ رکيل 200 ڪٽڪ ۽ 150 چانورن جون بوريون، جن جي مجموعي ماليت 25 لک رپيا ٻڌائي وئي آهي کڻي ويا آهن. علي نواز رند جو چوڻ هو ته جتوئي شاهه مارڪيٽ ۾ سنڌس ذاتي ملڪيت رند شاپنگ سينٽر ۾ 23 دڪان آهن. سنڌس دعويٰ موجب سپريم ڪورٽ پاڪستان جي حڪم بعد دادو جي سينيئر سول جج پاران ايس ايس پي دادو ۽ ڊي ايس پي دادو کي حڪم جاري ڪيا ويا. جنهن ڪانپوءِ رند شاپنگ سينٽر سنڌس حوالي ڪيو ويو هو. هن الزام هنيو ته مذڪوره معاملي ڪانپوءِ مسلسل ڪيس مبينا طور موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ هاڻي شاپنگ سينٽر تي ٻيهر قبضو ڪري 20 ڪان وڌيڪ هٿيار بند اتي ويهاريا ويا آهن. جنهن سبب وچ شهر ۾ ڪنهن به وقت خونريزي ٿيڻ جو خدشو آهي. علي نواز رند موجب سينٽر تي قبضي ڪانپوءِ هن ايس ايس پي دادو کي وائس ميسيج ذريعي اطلاع ڏنو، جڏهن ته ڊي ايس پي دادو علي اڪبر چنا سان رابطو نه ٿي سگهيو. هن چيو ته هو اي سيڪشن ٿاڻي تي به ويو، پر وڏي منشي مبينا طور سنڌس درخواست ۽ اين سي رپورٽ وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو ته ايس ايچ او اعجاز مسڻ شام جو ايندو. هن چيو ته جيڪڏهن پوليس پاران فوري طور ڪارروائي نه ڪئي وئي ته هو پنهنجي رند برادري جي ماڻهن سان گڏ رند شاپنگ سينٽر تي ويندو، اتي ڪيس يا سنڌس ساٿين کي ڪو نقصان پهتو ته ان جي ذميواري مبينا قبضا خور ايوب ملاح، منير ملاح ۽ پوليس انتظاميا تي هوندي. پريس ڪانفرنس دوران علي نواز رند وڌيڪ الزام هنيو ته مخالف ڌر بااثر آهي ۽ ڪيس توڙي سنڌس خاندان کي نقصان پهچائڻ چاهي ٿي. هن چيو ته شاپنگ سينٽر تي هٿيار بند ويهاري وڏي خونريزي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته دادو ۾ اڳ ئي چانڊيو برادري جي تڪرار ۾ 8 ماڻهو مارجي چڪا آهن. تنهنڪري وچ شهر ۾ اهڙي صورتحال کي نظرانداز ڪرڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. هن وزيراعليٰ سنڌ، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته رند شاپنگ سينٽر تان مبينا قبضو فوري طور ختم ڪرائي، قبضو ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي، 25 لک رپين جو اناج واپس ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 10

. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جي صدر احمد نواز پيچوهو، جنرل سيڪريٽري مظفر علي رند، ايڊووڪيٽ زاهد حسين تهيم، ايڊووڪيٽ ڪامران علي پيچوهو، ايڊووڪيٽ امداد علي جمالي ۽ ٻين وڪيلن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد پنهنجي وڪيلن جي حقن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي. هنن چيو ته ايڊووڪيٽ بشير احمد عمراني جي ياءِ سان ڦر ڪندڙ جوابدار ڪير آهن، ان بابت سٽي پوليس اوستا محمد کي ڄاڻ هجڻ باوجود اڃا تائين جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي. جيڪو سٽي پوليس اوستا محمد جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليا نشان آهي. وڪيلن ڊي آءِ جي نصيرآباد ۽ ايس پي اوستا محمد کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري طور نوٽيس وٺي، ڦر واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن اندر جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ۽ ڦر ٿيل سامان پوليس هٿ نه ڪيو ته ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد پاران سڄي ضلعي ۾ احتجاج جو اعلان ڪيو ويندو. جنهن جي سموري ذميواري اوستا محمد پوليس تي عائد ٿيندي.

بقايا عوامي سوچ 11

سان عزيز ڇهواڻ سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي، جڏهن ته عزيز ڇهواڻ سنڌس مڙس اصغر ڇهواڻ جو سئوٽ آهي. هن چيو ته سنڌس خاندان جو پرويزه ۽ عزيز ڇهواڻ سان ڪو به واسطو نه آهي. تنهن باوجود پرويزه جا مائٽ مبينا طور سنڌس گهرن ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي ڪيس ۽ سنڌس ٻچڙن کي موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ عزيز ڇهواڻ بابت پڇا ڳاڇا ڪندا رهن ٿا. مسمات زينب جو چوڻ هو ته سنڌس مڙس اصغر ڇهواڻ روزگار سانگي سعودي عرب ۾ آهي ۽ هوءَ پنهنجي ٻچڙن سان گهر ۾ اڪيلي رهندي آهي. هن الزام لڳايو ته مخالف ڌر جا ماڻهو ڪيس زبردستي گهر مان ٻڌي کڻي ويا هئا. جنهن بعد ڪيس سخت ڌمڪيون ڏئي ان شرط تي آزاد ڪيو ويو ته جيڪڏهن هنن خلاف ڪيس داخل ڪرايو يا ڪنهن سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي ته ڪيس ۽ سنڌس ٻچڙن کي قتل ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪيس ۽ سنڌس معصوم ٻچڙن کي مخالف ڌر ڪان جان ۽ مال جو خطرو آهي. تنهن ڪري آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو، ڊي ايس پي دادو ۽ ايس ايچ او وومين کان مطالبو آهي ته مبينا ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سنڌس ٻچڙن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. مسمات زينب وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪيس تحفظ فراهم نه ڪيو ويو ته هوءَ پنهنجي ٻچڙن سميت ايس ايس پي دادو آفيس آڏو ڌرڻو هڻڻ تي مجبور ٿيندي.

بقايا عوامي سوچ 12

ٽين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جدوجهد تيز ڪرڻ، سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش جو مقابلو ڪرڻ ۽ 4 آڪٽوبر تي ميرپور ساڪرو ۾ اياز لطيف پليجي جي قيادت ۾ نڪرندڙ محبت سنڌ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ناهيد جوکيو، ضلعي اڳواڻن مهرين پٽي، غزالا فرزانا پٽي، شمائلا ميربحر، اعظيمه پليجو، فهميدا ساڪرائي، مهناز ميمڻ ۽ ٻين چيو ته پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائڻ جي لالچ ۾ سنڌ جي وحدت جو سودو ڪيو آهي ۽ اقتدار عيوض سنڌ ورهائڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. انڪري سنڌ جو عوام سجاڳ ٿئي. پيپلز پارٽي جي مڪر کي سڃاڻي ۽ پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ڪري. هنن چيو ته اسان جو قائد اياز لطيف پليجو سنڌ ۾ شعوري سگهه وڌائڻ، قوم کي متحد ڪرڻ ۽ سنڌ خلاف ٿيندڙ منظم سازش خلاف سگهارو آواز بڻيو آهي. قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي عوام کي سياسي طور سجاڳ ۽ بيدار ڪرڻ لاءِ جهرجهنگ پهچي چڪي آهي. اسان جو واضح مقصد عوام کي سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ منظم جدوجهد جي ضرورت کان آگاهه ڪرڻ آهي. اڳواڻن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي ته مادر وطن جي بقا، وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ متحد ٿي منظم جدوجهد جو ميدان سجائين ۽ سنڌ ورهائڻ جي هر سازش کي عوامي طاقت سان ناڪام بڻائين. اجلاس ۾ ٺٽي ضلعي ۾ تنظيمي دورا، تنظيم سازي ۽ نوان يونٽ قائم ڪرڻ تي غور ويچار پڻ ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 13

سيپٽمبر خيرپور ناٿن شاهه ايم آر ڊي (جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ) جي شهيدن جو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن تي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ سياسي ڪارڪنن جي احتجاجي جلوس مٿان آمريتي گماشتن ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا شيل ۽ سڌين گولين جو استعمال ڪري 11 سنڌي جوڌن کي شهيد ڪيو هو. جنهن سبب سڄي شهر ۾ قيامت جو منظر هو. روڊ ۽ رستا شهيدن جي رت سان رنگجي ويا ۽ هزارين شهري آمريت خلاف مزاحمت جو وچن ڪرڻ لاءِ گهرن کان نڪري روڊ تي ڌرڻا هڻي ويهي رهيا. سڄي سنڌ ڪارو ويس اوڍي اُن ماتم ۾ شامل ٿي، هونئن ته تحريڪ جي شروعات 14 آگسٽ 1983ع کان ٿي، اها تحريڪ سول نافرماني جي تحريڪ هئي جنهن ۾ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن رضاڪارانه گرفتاريون پيش ڪري جيلن کي ڀرڻ شروع ڪيو هو. اُنهيءَ ڏينهن جمهوريت جي جن گهوٽن شهادت حاصل ڪئي، شهيدن ۾ شهيد عبدالغني ابڙو، شهيد عبدالعزيز لاکير، شهيد نظام الدين نائچ، شهيد غلام نبي ڪوسو، شهيد الله ورايو لانگاهه، شهيد شاهنواز ڪوسو، شهيد حبيب الله لغاري، شهيد ديدار علي ڪوڪر، شهيد ضمير حسين جاگيراڻي، شهيد اعجاز حسين ڪونهارو ۽ شهيد منظور احمد چانڊيو شامل هئا. سنڌن پونئرن کي سرڪاري نوڪرين ڏيڻ جو اعلان ڪيو. اڄوڪي شهادتن جي ڏينهن تي اسان ايم آر ڊي جي شهيدن ۽ هن تحريڪ ۾ گرفتاري ڏيندڙ هزارين سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سلام پيش ڪندي کين خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. اڄوڪي ڏينهن تي سنڌي عوام هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي قومي بقا ۽ سالميت لاءِ سٽيل سازش خلاف جدوجهد ۾ شامل آهي. هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي سنڌ جي ورهاڱي خلاف متفقه قرارداد کان پوءِ نئين صوبي جون ڳالهيون آئين جي بي حرمتي آهن. وفاقي حڪومت وٽ صوبا ٺاهڻ جو ڪو آئيني اختيار ناهي. ايم آر ڊي جي شهيدن جي ورسي جي جلسي کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙي چيو ته نئين صوبي جي قيام يا صوبي جي سرحدن ۾ تبديلي لاءِ صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽيون ميجارٽي ضروري آهي. جڏهن ته وفاقي حڪومت وٽ اهڙي اڪثريت موجود ناهي، هن چيو ته قومي اسيمبلي يا سينيٽ ۾ نون صوبن بابت بحث جي ڪا آئيني حيثيت ناهي، جيڪڏهن قومي اسيمبلي نون صوبن جي حق ۾ قرارداد منظور ڪري ٿي ته سنڌ اسيمبلي ٻيهر ان کي رد ڪرڻ جي قرارداد منظور ڪندي. نثار کهڙي چيو ته سنڌ اسيمبلي متفقه قرارداد ذريعي عوام جو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته سنڌ کي نئون صوبو نه گهرجي. تنهن ڪري نون صوبن جو راڳ بند ٿيڻ گهرجي. نئين صوبي جون ڳالهيون ڪري سنڌ تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. لاهور ۾ واپارين جي ڊائلاگ پروگرام ۾ سيڙپڪاري ۽ ملڪ لاءِ بهتر موقعن تي ڳالهائڻ بدران نظام کي ري سيٽ ڪرڻ ۽ نون صوبن جون ڳالهيون ڪيون ويون. جنهن سان انتشار پيدا ٿي رهيو آهي. نثار کهڙي چيو ته وفاقي وزير سنڌ اسيمبلي جي قرارداد جي منظوري باوجود نون صوبن جون ڳالهيون ڪري آئين جي بي حرمتي ڪري رهيا آهن. ڪين اهڙين ڳالهين ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته سنڌ ملڪ ٺاهيو ۽ ملڪ ٺاهيندڙ صوبي کي ورهائڻ جون ڳالهيون ملڪ ٽوڙڻ جي برابر آهن. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. ڪراچي وفاق حوالي نه ٿيندو ۽ سنڌ ۾ نئون صوبو نه ٺهندو. نون صوبن جون ڳالهيون ڪندڙ سنڌ جي عوام جو ردعمل ڏسن. هن واضح ڪيو ته سنڌ ۾ نئون صوبو ڪنهن به صورت ۾ منظور ناهي، هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت جو دفاع ڪيو آهي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان، پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد تي ووٽ نه ڏئي سنڌ سان بي وفائي ڪئي، نثار کهڙي چيو ته ملڪ کي تجربن جي تجربگاهه نه بڻايو وڃي. ڀارت جي اتر پرديش ۾ 26 ڪروڙ آبادي ۽ آمريڪا جي ڪيليفورنيا جي وڏي آبادي باوجود هر هنڌ نون صوبن جي ڳالهه نٿي ڪئي وڃي، پوءِ سنڌ کي ئي نشانو ڇو بڻايو پيو وڃي؟ هن چيو ته پرويز مشرف جي دور ۾ وفاق کان سڌي ريت ضلعي حڪومتن کي فنڊنگ ڏني ويندي هئي ۽ صوبن کي وچ مان ڪڍيو ويو هو. ايم ڪيو ايم پاڪستان هاڻي ساڳيو بلدياتي نظام چاهي ٿي، ملڪ ڪنهن به غيرجمهوري ۽ غير آئيني قدم جو متحمل نٿو ٿي سگهي. پيپلز پارٽي جمهوريت جي تسلسل، آئين، قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي تي يقين رکي ٿي. هن ايم آر ڊي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته جمهوريت جي بحالي واري جدوجهد ۾ ڪي اين شاهه ۽ سڪرنڊ جي ماڻهن پنهنجون جانيون قربان ڪيون. ڌرتي ماءُ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪنداسين. عاجز ڌامراهه، ڪلثوم چانڊيو، عرفان ظفر لغاري، زبير جوڻيجو ۽ ٻين جلسي کي خطاب چيو ته ايم آر ڊي جي شهيدن جمهوريت ۽ سياست جي بقا لاءِ قربانيون ڏنيون. هاڻي ڌرتي ماءُ جي ورهاڱي جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، پر سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي کي ورهائڻ نه ڏيندا. جلسي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد پڻ منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي وحدت تي حملي جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ جو عزم ورجايو ويو

بقايا عوامي سوچ 14

ڳوٺاڻن لاش هٿ ڪري ورتو. ڪراچي جي ڪورنگي واسي 30 سالا نوجوان محمد اڪرم ستاواهه شاخ ۾ وهجندي ٻڏي ويو جنهن جي مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران لاش جي ڳولا ڪئي وئي. مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڳولا بعد لاش هٿ ڪيو ويو ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جو لاش رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 15

تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ سڄي ملڪ وانگر ٺٽي ۾ پڻ "يومِ شهدا" ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ميمڻ هائوس ٺٽي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن، عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ فاتحه خواني ڪئي وئي، جڏهن ته مقررن جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي بنيادي حقن لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر صادق علي ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جمهوريت جي بحالي، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حق حڪمراني لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون. سنڌن جدوجهد پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو روشن ۽ ناقابلِ فراموش باب آهي. هن چيو ته اڄ جمهوريت اسان کي جيڪي حق ۽ آزاديون فراهم ڪري ٿي، انهن جي حاصلات ۾ ايم آر ڊي جي شهيدن جو رت شامل آهي. انهن عظيم شهيدن ظلم ۽ جبر اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ بدران عوام ۽ جمهوريت جي حق ۾ پنهنجي جانين جون قربانيون ڏنيون، جن کي قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. صادق علي ميمڻ وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت، آئين ۽ عوامي حقن جي جدوجهد کي اوليت ڏني آهي، جڏهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ سمورين جمهوري تحريڪن جي شهيدن جون قربانيون اسان لاءِ مشعلِ راهه آهن. ايم آر ڊي جي شهيدن جو نظريو ۽ سنڌن جدوجهد اڄ به جمهوريت پسند قوتن لاءِ حوصلي ۽ عزم جو ذريعو آهي. هن چيو ته شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته اسان جمهوري قدرن، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکون. تقريب کي خطاب ڪندي ٻين اڳواڻن پڻ ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ چيو ته سنڌن جدوجهد ۽ قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهن. هنن چيو ته جمهوريت لاءِ ڏنل قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون. تقريب ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز احمد قريشي ، اڳوڻو قومي اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو، ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، ضلعي سيڪريٽري اطلاعات سيد محمود عالم شاهه ، پيپلز پارٽي تعلقو ٺٽي جو صدر عبدالحميد سومرو، پيپلز پارٽي ٺٽو سٽي جو صدر عبدالعزيز پڪهٽيڙو ، تعلقه جنرل سيڪريٽري منور علي هيلائيو ، ڊاڪٽر طفيل ميمڻ، ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري جو چيئرمين رمضان پنهور ، يونين ڪائونسل ڪيٽي بندر جو چيئرمين عبدالواحد ميمڻ ، ممتاز شورو ، ڊاڪٽر ڪزمون ، بشير جوکيو سميت پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 16

۽ قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ سخت نعريبازي ڌرڻي سبب ميرپورخاص- حيدرآباد روڊ تي ٽريفڪ معطل. سوين گاڏيون بيهي رهيون اسلم خيرپوري جو قومي ڪارڪنن جي آزادي ۽ سنڌ جي حقن جي تحفظ جو مطالبو ايڪتا لغاري قتل ڪيس ۾ انصاف ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به تجويز کي قبول نه ڪنداسين: جسقم اڳواڻ ڌرڻي ڪانپوءِ قومي ڪارڪنن جي گرفتاري جو الزام، فوري آزادي جو مطالبو گرفتار ڪارڪن آزاد نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: جسقم قيادت ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ڪپري جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪرڻ جو الزام سنڌ جي وحدت، قومي حقن ۽ سياسي آزاديءَ جي احترام جو مطالبو: جسقم آريسر گروپ

بقايا عوامي سوچ 17

۾ فوتين جي وفات تي تعزيت ڪئي اسلام ڪوٽ لڳ گوٺ نڪٽو پهچي محروم وڏيرو الهبچايو هنگورجو جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي گوٺ وي هنگورجا پهچي محروم ابوبڪر ولد محمد اسماعيل هنگورجو جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي ۽ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي صاحب خاندان سان ڏک جو اظهار ڪيو چوڻ هو ت هي صدمو وڏو آهي ابوبڪرجي خاندان سان هن ڏک جي گهڙي ۾ گڏ آهيا گوٺ چوڙهار پهچي ٽپيدار سروڻ ڀيل جي وفات تي پوئيرن تعزيت ڪئي گوٺ ٻتنگاري هنگورجا پهچي اسلم هنگورجو جي ڀاڄائي جي وفات تي پوئيرسان تعزيت ڪئي گوٺ گوارڻ پهچي ڪرم ميگهواڙ جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي گوٺ ٽسنگڙي پهچي مهتاب سنگ ڀيل جي چاچاجي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي گوٺ ڪبروئي هنگورجا ۾ حاڪم هنگورجوجي چانه پارٽي جي دعوت ۾ شرڪت گوٺ جهانپو پهچي ميمبرعلي محمد اديجوءِ ڏامومل ميگهواڙ جي چانه پارٽي ۾ شرڪت انهي موقعي تي سيداحمد شاهه ءِوڏيروعبدالرحيم هنگورجو گوليو وڏيرو لياقت علي هنگورجو جانمحمد اديجو منيش ڪمارڙتناٽي منيش ڪمارڏاناٽي ساٿس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 18

ميا اگهور نند ستل. تفصيل موجب ڏوڪري پيٽرول جي اگهه ۾ 378 رپين تائين واڌ ڪانپوءِ عام واهپي جي شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن. جنهن سبب وڌندڙ مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن، ڪرياني سبزين، فروٽ، مڇي، مرغي ۽ ٻين روزمره جي شين جي اگهن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري شهرين جون پريشانيون وڌي ويون آهن. ان ڏس ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين رڪ سنڌي، محمد سليم واڍو، شهاب الدين، قربان علي، ۽ ٻين چيو ته حڪومت تيل جا اگهه وڌائي عام ماڻهن لاءِ زندگي جو گذارو ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ سان عام واهپي جون شيون به مهانگيون ٿي ويون آهن، جڏهن ته غريب ۽ پورهيت طبقو اڳ ئي وڌندڙ مهانگائي سبب سخت پريشان آهي هنن چيو ته آمدني محدود هجڻ باوجود روزمره جي ضرورتن جون شيون مسلسل مهانگيون ٿي رهيون آهن، جنهن سبب پورهيت ۽ غريب طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهي ۽ گهر جو خرچ هلائڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽرول ۽ عام واهپي جي شين جا اگهه گهٽائي، مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 19

ي واپڊا پاران ناجايز اور ريڊنگ خلاف احتجاج ڪيو ويو هن ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته واپڊا جا آفيسر ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن آئون ريٽايرڊ فوجي آهيان منهنجي پينشن 27 هزار روپيا آهي ۽ واپڊا وارا پريشان ڪري رهيا آهن رشوت جي مڏ ۾ نه آئون اڄ پيسا ڏيان نه سڀاڻي جڏهن ته هن الزام هڻندي چيو ته واپڊا وارا شهر ۾ بجلي چوري ڪرائي رهيا آهن انهن جا جنهن تي اي سي هلي رهيا آهن انهن جا بل هزار روپين ڪان مٿي نه ٿو اچي هن چيو ته هي چون ٿا ته اوهان اسانجي مٿي ڪمپلين ڪري ڇڏيو هن چيو ته آفيسر ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن الله پاڪ جي دربار ۾ ڪمپلين ڪيون ٿا اسان جو انصاف الله ڪندو.

بقايا عوامي سوچ 20

گل ملاح ۽ ڳوٺ باقر شاهه جي رهواسين ملاح برادري پاران پوليس جي مبينا زيادتين ۽ هڪ ڇٽي کي تشدد ڪري مرٽيننگ ڪرڻ جي الزام خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو. مردن، عورتن ۽ ٻارن ماروي ملاح، نوران ملاح، بچائي ملاح، انيلا ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پڇاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج دوران مظاهرين پاران روڊ تي ٽائرن کي باهه ڏئي روڊ بلاڪ ڪيو ويو، جنهن سبب لڳ ڀڳ چار ڪلاڪن تائين ٽريفڪ معطل رهي ۽ مسافرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو. مظاهرين الزام لڳايو ته پوليس اهلڪارن پاران ملاح برادري سان مبينا طور تي زيادتيون ڪيون پيون وڃن، جڏهن ته هڪ ڇٽي کي مبينا تشدد جو نشانو بڻائي مرٽيننگ ڪرڻ وارو واقعو پڻ پيش آيو آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته مبينا واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوار پوليس اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثرن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي. ان موقعي تي پ پ اڳواڻ ارباب وزير ميمڻ پڻ احتجاجي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري مظاهرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ سنڌن مسئلو لاڳاپيل اختيارين تائين پهچائڻ سان گڏ انصاف جي خاطري ڪرائي. بعد ۾ انصاف ۽ قانون موجب ڪارروائي جي خاطري ملڻ تي مظاهرين احتجاج ختم ڪري روڊ ٽريفڪ لاءِ کوليو. جنهن ڪانپوءِ معمول واري صورتحال بحال ٿي وئي

بقايا عوامي سوچ 21

محمد ڪرناٽي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جي سينيئر وائيس چيئرمين آڪاش ملاح، جوائنٽ سيڪريٽري علي انور چانڊيو ۽ ٻين قومي ساٿين شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي مزار تي حاضري ڀري، قومي ترانو سان ڪين ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي جيئي سنڌ تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري راول ڪرناٽي پڻ موجود هو. قومي اڳواڻن شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه خواني ڪئي ۽ سنڌس قومي جدوجهد ۽ قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد شفيع محمد ڪرناٽي جي جدوجهد، فڪر ۽ قربانيون قومي تاريخ جو اهم حصو آهن، جن کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 22

بدين طرفان 47 سالگراهه مبارڪ حضرت قبله پير محمد صادق قريشي نقشبندي موجوده سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي جنهن جي شروعات ادا آفتاب احمد جوڻيجو تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي. پروگرام جي صدارت مرڪزي صدر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف محترم حبيب الله جوڻيجو جن ڪئي، هن پروگرام ۾ مهمانن جي گيلري ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان سيٺ فيض الله جوڻيجو جن اسٽيج تي وينا. ان کان علاو نشات تنظيم ضلع بدين جا صدر محترم فتح الله جوڻيجو نشات تنظيم جماعت لواري شريف جا مرڪزي پريس سيڪريٽري محترم پيار علي ٽالپر، صدر نشات تنظيم يونٽ سٽي بدين محترم عبدالله (واپڊا) جوڻيجو،محترم رحيم بخش راجا جوڻيجو ،محترم پروفيسر محمد حيات ڪيريو، چيئرمين واپڊا تعلق بدين محترم مولا بخش جوڻيجو، تعلق ايجوڪيشن آفيسر محترم سائين عبدالفتاح جوڻيجو ان ڪان علاوه هن پروگرام کي آرگنائيزر ڪندڙ صدر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف يونٽ سٽي بدين محترم عبدالله جوڻيجو جن هئا هن پروگرام ۾ محترم امجد حسين مسڻ ۽ محترم فرحان علي جوڻيجو جن گيت پاڪ پڙهيا مهمانن سالگراهه مبارڪ جو ڪيڪ ڪاٽيو هن پروگرام جو اختتام محترم محمد دائود جوڻيجو،محترم عنايت الله جوڻيجو، محترم منظور جوڻيجو جن درگاهه عاليه لواري شريف جي دستوري دعا شريف سان ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 23

ته علائقي ۾ چورين روز جو معمول بڻجي ويون آهن جڏهن ته منشيات جي وڌندڙ وڪري ۽ استعمال سبب علائقي جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي. احتجاج دوران طارق جاڙو، وڏيرو احمد جاڙو، عثمان جاڙو، ولي الله جاڙو ۽ عنايت جاڙو چيو ته سنڌن ڳوٺ مان دڪان کي ڪاٽ هڻي لکين رپين جي چوري ٿيل سامان کي 15 ڏينهن گذري چڪا آهن پر پوليس طرفان هن وقت تائين ڪا به نمايان اڳڀرائي نه ڪئي وئي آهي هنن دعويٰ ڪئي ته چوري بابت شڪي ماڻهن جا نالا پڻ پوليس کي فراهم ڪيا ويا آهن تنهن هوندي به سنڌن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي. اڳواڻن پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي چيو ته جيڪڏهن چوري جي وارداتن ۽ منشيات جي ڪاروبار خلاف بروقت قدم نه کنيا ويا ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خدشو آهي هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل سامان فوري طور تي واپس ڪرائي منشيات جي وڪري ۽ چورين ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. مظاهرين سخت چتاءُ ڏيندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن 7 ڏينهن اندر چوري ٿيل سامان واپس نه ڪرايو ويو ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين کي گڏ ڪري ور شهر جو مين روڊ بند ڪري احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري انتظاميه ۽ پوليس تي هوندي.

بقايا عوامي سوچ 24

۽ پيٽروليم شين تي نوان ٽيڪس لاڳو ڪري مهانگائي جو سمورو بار عام شهرين تي منتقل ڪري رهي آهي عالمي حالتن، خاص طور تي آمريڪا ۽ ايران جي جنگ کي جواز بڻائي پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي اهڙن خيالن جو اظهار هن جامع دارالعلوم الشرعيه ۾ جي يو آءِ تعلقي روهڙي جي سمورن يونٽ اميرن ۽ ناظمن جي اهم اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس کي مولانا مفتي عبدالواحد چاچڙ،مولانا عطاالرحمان عباسي،مولانا عبدالحميد اندهڙ،مولانا محمد عيسيٰ گهنجو سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو قاري عبدالغفار سومرو چيو ته مهانگائي عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي پيٽرول جي اگهه ۾ معمولي واڌ ٿيندي ئي ٽرانسپورٽ جي ڪراين،ڀاڄين،ميون،ڪاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي ضرورتن وارين شين جا اگهه وڌي وڃن ٿا. عوام اڳ ئي بجلي ۽ گئس جي ڳرن بلن ۽ روزمره جي خرچن جي بار هيٺ دٻيل آهي اهڙي صورتحال ۾ مهانگائي ۾ مسلسل اضافو عوام لاءِ ناقابل برداشت ٿيندو پيو وڃي هن چيو ته شام جو شين جا هڪ اگهه ۽ صبح جو ٻيا اگهه مقرر ٿيڻ عوام لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻجي رهيو آهي جڏهن ته بجلي، گئس ۽ موبائل چارجز ۾ مسلسل واڌ پڻ شهرين جون مشڪلاتون وڌائي ڇڏيون آهن حڪمرانن کي عوام جي تڪليفن جو احساس ڪندي رڳو دعوائن بدران عملي قدم کڻڻا پوندا ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻو پوندو

بقايا عوامي سوچ 25

ڙي ويجهو اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر،ڊيزائين اينڊ هيريٽيج ۾ نئين تعليمي سيشن 2026ع ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي آجيان لاءِ شاندار ۽ رنگارنگ فريشر فيسٽ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ يونيورسٽي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو باقاعده افتتاح يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڀر ڪيو ان موقعي تي يونيورسٽي جو ماحول خوشي،ثقافت ۽ فن جي رنگن سان سرشار نظر آيو فريشر فيسٽ دوران شاگردن ۽ شاگرديائين پنهنجي ثقافتي ۽ فني صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو تقريب ۾ سنڌي ٽيبلوز،اسٽيج ٿيٽر ۽ طاهر مٺو پاران روحاني قوالين جون شاندار پرفارمنسون پيش ڪيون ويون جن حاضرين کي جهومائي ڇڏيو ۽ تقريب جون رونقون ٻيڻيون ڪري ڇڏيون فنڪارن ۽ شاگردن پاران پيش ڪيل خوبصورت ثقافتي ۽ فني پروگرامن تي حاضرين پاران ڀرپور داد ڏنو ويو تقريب دوران يونيورسٽي جو ماحول سنڌي ثقافت،موسيقي،فن ۽ خوشين جي رنگن سان ڀرجي ويو اروڙ يونيورسٽي انتظاميا جو چوڻ هو ته اهڙين غير نصابي ۽ ثقافتي سرگرمين جو مقصد نون شاگردن کي يونيورسٽي جي تعليمي ۽ ثقافتي ماحول سان روشناس ڪرائڻ سنڌن تخليقي صلاحيتن کي همٿي ڏيڻ ۽ کين مثبت،خوشگوار ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ آهي جيئن هو پنهنجي تعليمي سفر جي شروعات اعتماد ۽ جوش سان ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 26

ي نتيجي ۾ نوجوان جي ڇهري ۽ ڇاتي تي سخت زخمن جا نشان ظاهر ٿيا آهن. متاثر نوجوان موجب هو بدردين قبرستان وٽان گذري رهيو هو ته ڪيس روڪي تشدد ڪيو ويو. واقعي بعد متاثر نوجوان حد جي ٿاڻي تي پهچي رپورٽ/اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي. متاثر نوجوان اعليٰ اختيارين ۽ پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

نهن ۾ صحت جي ماهرن، سول سوسائٽي، ميڊيا جي نمائندن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ پاڪستان ۾ انساني صحت تي جزوي طور تي هائيڊروجنيٽيڊ تيل (پي ايچ او) جي ناڪاري اثرن ۽ ملڪ ۾ قانون سازي ذريعي انهن تي پابندي لڳائڻ ۾ ميڊيا جي ڪردار تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو ورڪشاپ کي خطاب ڪندي پروگرام مئنيجر سي پي ڊي آءِ شهزاد اقبال چيو ته جزوي طور تي هائيڊروجنيٽيڊ تيل انساني صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهن. جن ۾ موجود ٽرانس فيٽس مختلف خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻجي سگهن ٿا. هن چيو ته عوام کي ٽرانس فيٽس ۽ پي ايچ او جي نقصانن کان آگاهه ڪرڻ لاءِ هڪ اثرائتي آگاهي مهم جي ضرورت آهي. جڏهن ته ميڊيا ان حوالي سان بنيادي ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڪراچي يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر زبالا لطفي ۽ ڊاڪٽر اظفر سليم چيو ته ڪاڌي ۾ صنعتي ٽرانس فيٽس انساني صحت لاءِ هڪ وڏو خطرو آهن. انهن چيو ته پي ايچ او جو مسلسل استعمال دل ۽ رت جي شريانن سان لاڳاپيل بيمارين سميت ٻين صحت جي مسئلن جو خطرو وڌائي سگهي ٿو. سي پي ڊي آءِ جي پروگرام اسسٽنٽ حفظ بيبي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي چيو ته عام صارف اڪثر ڪري بي خبر هوندو آهي ته مختلف تيار ڪيل ۽ بيڪري جي شين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهه اجزا سنڌس صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿا. سي پي ڊي آءِ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مختار احمد علي چيو ته پاڪستان ۾ پي ايچ او جو مسئلو صرف صحت جي مسئلي تائين محدود نه هجڻ گهرجي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ صنعتي ٽرانس فيٽس کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن. پاڪستان ۾ به انساني صحت جي حفاظت لاءِ موثر پاليسي ۽ قانون سازي ضروري آهي. سينئر تجزيه نگار ۽ صحافي شازيه رضوان پڻ ورڪشاپ کي خطاب ڪيو ۽ چيو ته عام ماڻهن کي پي ايچ او جي نقصانن بابت سادي ۽ سمجهڻ واري انداز ۾ معلومات فراهم ڪرڻ ضروري آهي. هن چيو ته وڏي تعداد ۾ ماڻهو معلومات لاءِ ميڊيا تي ڀروسو ڪن ٿا. هن زور ڏنو ته پاڪستان ۾ صنعتي ٽرانس فيٽس جي استعمال کي ختم ڪرڻ لاءِ اثرائتي قانون سازي ۽ سختي سان عمل درآمد ڪيو وڃي. مقررين چيو ته صرف قانون ٺاهڻ ڪافي ناهي، پر ان جو اثرائتي نفاذ، ڪاڌي جي نگراني، صنعت جي ذميواري ۽ صارفين جي آگاهي پڻ ضروري آهي.

بقايا عوامي سوچ 28

تان پيپلز پارٽي جي پيپلز سيڪريٽريٽ قمبر ۾ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شهيدن جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. ورسي تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر حاجي قمرالدين گوپانگ، جنرل سيڪريٽري غلام محمد اسراڻ، انفارميشن سيڪريٽري نياز احمد چانڊيو، نياز حسين ارشاد علي لاکو، عمر عزيز چنو، عامر علي گوپانگ، احمد علي ڪلهوڙو، آصف علي ڀٽو، ڊاڪٽر اقبال بروهي، غلام قادر چانڊيو، محمد ايوب ٻرڙو، اصغر سومرو، افتخار ميمڻ، خدا داد پليدي، محمد خان پتوجو، اصغر عباسي، غلام حيدر بليدي، عبدالشڪور چنو، آصف چانڊيو، نجيب الله بروهي، وڏيرو نثار عباسي، شمن تنيو، سڪندر سانگاهه، رجب ڪلهوڙو، ابراهيم چانڊيو، نور عباسي، نصرت ميو، نويد ميٿو، رانجهن مغيري سميت پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 12 سيپٽمبر 1983ع سنڌ جي جمهوري جدوجهد جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ المناڪ ڏينهن آهي. ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران آمرانه حڪومت خلاف جمهوريت، عوام جي حقن ۽ ووٽ جي آزادي لاءِ سنڌ جي ماڻهن تاريخي جدوجهد ڪئي ۽ خيرپور ناٿن شاهه جا شهيد پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي جمهوريت جي جدوجهد کي نئون حوصلو ڏنو. هنن چيو ته ايم آر ڊي جا شهيد جمهوريت جا امر ڪردار آهن، جن جون قربانيون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن. پيپلز پارٽي پنهنجي شهيدن جي فڪر، جمهوريت، عوامي حقن ۽ وفاقي نظام جي بقا لاءِ جدوجهد جاري رکندي. اڳواڻن چيو ته شهيدن جي قربانين سبب ئي ملڪ ۾ جمهوريت جي شمع روشن رهي ۽ اڄ به جمهوريت پسند قوتون انهن جي جدوجهد کي پنهنجي لاءِ مشعل راهه سمجهن ٿيون. تقريب جي آخر ۾ شهيدن جي مغفرت، بلند درجات ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.'

بقايا عوامي سوچ 29

ي خلاف تاريخ 11_09_2026 جي ڏينهن ڪلاس رومن ڪان ٻاهر نڪري سخت احتجاج ڪيو.ان موقعي تي 9 ڪلاس جي شاگرديائين سميرا هاليپوٽو، اقصيٰ سيال، عليزا شيخ، ٽيچر صغرا جهيجو، بختاور سولنگي، دعا ڪوريجو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسان جو اسڪول انتهائي زبون حال اهي، اڄ ڪلاس هلندڙ هو ۽ موڪل ڪان پندرهن منٽ اڳ اچانڪ ڪمري جي ڇت جا چاپڙ اسان جي مٿان ڪري پيا ۽ هڪ شاگرداٽي کي معمولي زخم رسيو آهي. جڏهن ته ڪلاس ۾ موجود ٻيون شاگرديائيون معجزاتي طور بچي ويون. هنن چيو ته اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچون ٿا ته ڪلاس رومن ۾ جي حالت ڏسي خوف واري صورتحال محسوس ٿئي ٿي،هنن چيو ته اسان جي گرلس هاءِ اسڪول جي نئي بلڊنگ جو ڪم هلندڙ آهي ان جو ڪم سست رفتاري جو شڪار هجڻ ڪري ڪنهن وقت به جاني نقصان ٿي سگهي ٿو. متاثر شاگرديائين ۽ ٽيچرن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه ڪان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي نئي بلڊنگ واري ڪم ۾ تيزي آڻي ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي ته جي ڪنهن اڻ وڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 30

پاڻي جي بندش خلاف اڄ تاريخ 13/9/2026 آچر ڏهاڙي شام جو 6 وڳي عهديدارن ميمبرن شهرين جي اهم گڏجاڻي طلب ڪئي وئي آهي اسان پنهنجي عهديدار ميمبر دوستن کي گذارش ڪندا هلون ته هو هن اهم گڏجاڻي ۾ وقت جي پابندي جو خاص خيال ڪندي لازمي طور شريڪ ٿين ته جيئن ته احتجاج لاءِ رٿابندي ڪجي مهرباني

بقايا عوامي سوچ 31

صوصي خطاب حضرت علامه مولانه حافظ پروفيسر حزب الله سولنگي صاحب ۽ حضرت سائين مولوي قربان علي ڪلهوڙو پيش امام چاچا علي بخش لنڊ مسجد سيوهڻ جن ڪرڻ فرمايو. سائينجن خطاب ۾ مخاطب ٿيندي چيو ته اسان مسلمان خوش نصيب آهيون جو اسان کي اهڙو نبي مليو. اسان کي گهرجي ته حضور ڪريم صليڪري پنج وقت باجماعت نماز پڙهون. اسان کي گهرجي ته يتيمن جي مدد ڪريون، چو ته اسانجو نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن پاڻ يتيمن سان پيار ڪندا هئا. اسان کي گهرجي ته اسان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريون، ۽ نماز پڙهون. وڏن جو ادب ڪريون. حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڏسيل راهه تي عمل ڪريون. هن جلسي ۾ آيل نعت خوانن جن ۾ غلام رسول سولنگي ۽ سنڌس ساٿي ۽ ٻين ڪيترن نعت خوانن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ نعتون ۽ غزل پڙهيا. هن جلسي ۾ سيوهڻ شهر جي عاشقان رسول صلي الله عليه وسلم جن ڪثير تعداد ۾ شرڪت ڪئي. هن جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم جي جلسي ۾ شرڪت ڪندڙ کي پوڪڙي مسجد سيوهڻ جي منتظمين طرفان ننگر پڻ ڪرايو. هن جلسي جو اهتمام سائين حافظ طاهر حسين چنڊ پيش امام پوڪڙي مسجد سيوهڻ ۽ سيٺ وسيم احمد سيال ۽ سنڌس پائر ۽ پاڙيوارن ڪرڻ فرمايو. جلسي جي آخر ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وآلهِ وسلم تي سلام پڙهيو ويو. ۽ دعا گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 32

جو مفت طبي معائنو ۽ علاج ڪيو ويو. ڪيمپ ۾ جانورن جي مختلف بيمارين جي چڪاس سان گڏ ضرورت موجب مفت دوائون ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون. مليل ڄاڻ موجب اسلام ڪوٽ ۾ منعقد ڪيل مفت طبي ڪيمپ ۾ چوپائي مال جي علاج لاءِ ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيم موجود رهي، جڏهن ته ڪيمپ جي نگراني ڊاڪٽر احسن ڪئي. ڪراچي مان خاص طور تي آيل ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيم پڻ ڪيمپ ۾ شرڪت ڪري مالوندن جي جانورن جو معائنو ڪيو ۽ انهن کي علاج بابت ضروري صلاحون ڏنيون. ڪيمپ دوران مختلف ڳوٺن مان مالوند پنهنجا بيمار جانور کڻي پهتا، جتي ڊاڪٽرن پاران جانورن جي صحت جو جائزو وٺي ڪين معياري مفت دوائون فراهم ڪيون ويون. ان موقعي تي جانورن جي مالڪن کي چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان محفوظ رکڻ، بروقت علاج ڪرائڻ ۽ جانورن جي بهتر سار سنڀال بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. LCIڪمپني پاران منعقد ڪيل هن طبي ڪيمپ جو مقصد ٿرجي مالوندن کي سندن چوپائي مال لاءِ بهتر ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ جانورن جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ مالوندن جي معاشي نقصان کي گهٽ ڪرڻ هو. علائقي جي مالوندن پاران مفت طبي ڪيمپ منعقد ڪرڻ ۽ ماهر ڊاڪٽرن جون خدمتون فراهم ڪرڻ تي LCIڪمپني جي انتظاميا ۽ ڊاڪٽرن جي ٽيم جي ساراهيو ويو. مالوندن جو چوڻ هو ته ٿر ۾ چوپائي مال ماڻهن جي روزگار ۽ گذر سفر جو اهم ذريعو آهي. تنهنڪري اهڙيون طبي ڪيمپون باقاعدگي سان منعقد ٿيڻ گهرجن.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

جنگشاهي ڳوٺ محمد عارب پليجو: سارين جي ترپشر هلائڻ تان تڪرار، متاثر ڌر جو انصاف جو مطالبو

جمال پليجو سائڻ ناانصافي ڪري رهيو آهي، جنهن سبب سندن فصل ۽ مالي نقصان تي رهيو آهي، موسىٰ پليجو

جمال پليجو سائڻ ناانصافي ڪري رهيو آهي، جنهن سبب سندن فصل ۽ مالي نقصان تي رهيو آهي، موسىٰ پليجو

سندس زمين اسان جي زمين جي مٿين پاسي هجڻ سبب اسان جي فصل کي نقصان پهتو

جنگشاهي (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي ڳوٺ محمد عارب پليجو: سارين جي ترپشر هلائڻ تان تڪرار، متاثر ڌر جو انصاف جو مطالبو، جنگشاهي ڳوٺ محمد عارب پليجو: زهره پليجو ۽ موسىٰ پليجو الزام هنيو آهي تہ جمال پليجو سائڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

150 شاگرد پٽ تي ويهي پڙهڻ تي مجبور، جان محمد پنيرو پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم، شاگردن جو احتجاج

گورنمينٽ پرائمري اسڪول جان محمد پنيرو ۾ تعليم حاصل ڪندڙ لڳ ڀڳ 150 معصوم شاگرد بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار بڻيل آهن

اسڪول ۾ شاگردن جي وڏي انگ جي مقابلي ۾ صرف هڪ استاد مقرر هجڻ ۽ فرنيچر موجود نہ هجڻ سبب ٻار پٽ تي ويهي پڙهڻ تي مجبور آهن

جنهن خلاف شاگردن احتجاج پڻ ڪيو. شاگردن پاران هٿن ۾ احتجاجي بينر کڻي اسڪول جي عمارت اڳيان احتجاج

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت): يوسي ڪبڙي پٽ، تعلقہ صالح پٽ، ضلعي سکر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جان محمد پنيرو ۾ تعليم حاصل ڪندڙ لڳ ڀڳ 150 معصوم شاگرد بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار بڻيل آهن. ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

احتجاج
فرنيچر ڏنو وڃي بجلي، سولر، پيئڻ جو صاف پاڻي ڏنو وڃي ۽ STR مطابق استاد ڏنا وڃن

حضرت ڪارو اصحابو رحہ جو ساليانو عرس عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

الطاف جوکيو، زوهيب جوکيو، ارشد جوکيو ۽ ڪمبير احمد جوکيو جي نگراني ۾ منعقد ڪيو ويو

عرس جي موقعي تي وڏي انگ ۾ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

جنگشاهي: (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي ڪاري جبل تي درگاه حضرت ڪارو اصحابو رحہ جو ساليانو عرس عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

جنگشاهي ڳوٺ سبزعلي خان بروهي ۾ صحافي رضوان علي بروهي جي وڏي ڀيڻ جي ايصال ثواب لاءِ بابرڪت محفل

مرحومہ جي ايصالِ ثواب لاءِ ختمِ چهلم، قرآن خواني، دعاءِ مغفرت ۽ ميلادِ مصطفىٰ صہ جي بابرڪت محفل منعقد ڪئي وئي

محفل کي الحاج مولانا فضل الله حسيني خطاب ڪندي قرآن پاڪ جي تعليمات، سيرتِ طيبہ ۽ حضور نبي ڪريم صہ جي محبت ۽ اتباع جي اهميت تي روشني وڌي

مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي زندگي حضور اڪرم صہ جي تعليمات موجب گذارين ۽ نيڪ عملن ذريعي آخرت جي تياري ڪن

جنگشاهي (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي ڳوٺ سبزعلي خان بروهي ۾ صحافي رضوان علي بروهي جي وڏي ڀيڻ جي ايصال ثواب لاءِ ختمِ چلم ۽ ميلادِ مصطفىٰ صہ جي بابرڪت محفل. تفصيل موجب، جنگشاهي جي ڳوٺ سبز ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٺٽي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 10 جوابدار گرفتار، وڏي مقدار ۾ گٽڪا، منشيات ۽ ڪچو شراب هٿ

5 منشيات فروشن، 5 گٽڪا ماوا فروشن ۽ مٽيريل سپلاءِ ڪندڙن سميت 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

هڪ سوزوڪي پڪ اپ، 3 موٽرسائيڪلون، 2 موبائل فون، 45 بيگ، 10 ليٽر ڪچو شراب ۽ 7 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪيو ويو

هڪ گٽڪا مٽيريل سپلاءِ ڪندڙ جوابدار عيسيٰ ولد محمد عمر ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 10 جوابدار گرفتار، وڏي مقدار ۾ گٽڪا، منشيات ۽ ڪچو شراب هٿ ٺٽي پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي 5 منشيات فروشن، 5 گٽڪا ماوا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊگهي عرصي کان پوءِ ٺٽون ڪوٽ شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مبينا طور تي ڏيهي گٽڪي جي وڪري جون شڪايتون

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ڊگهي عرصي کان پوءِ ٺٽون ڪوٽ شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مبينا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

بيروزگار نوجوانن جي اتحاد پاران 14 سيپٽمبر 2026 ع تي صبح 11 وڳي ريلي ڪڍي ويندي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بيروزگار نوجوانن جي اتحاد پاران سومر 14 سيپٽمبر 2026 ع تي صبح 11/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

مولوي عرفان علي خاصخيلي جي زيرِ نگراني جشن عيد ميلادالنبي صہ جي سلسلي ۾ هڪ روح پرور ۽ عقيدت ڀري محفل منعقد

جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي. محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي

جنهن جي سعادت حافظ احسان الله چشتي ۽ مولوي صديق چشتي حاصل ڪئي

محفل جي پڄاڻيءَ تي امتِ مسلم، ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ڳوٺ جان محمد خاصخيلي 362 ۾ مولوي عرفان علي خاصخيلي جي زيرِ نگراني جشن عيد ميلادالنبي صہ جي سلسلي ۾ هڪ روح پرور ۽ عقيدت ڀري محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

دادو شهر ۾ رند شاپنگ سينٽر تي قبضي جو الزام، 20 کان وڌيڪ هٿياربند ويهارڻ جي دعويٰ

25 لک جو اناج کڻي وڃڻ جو الزام، خونريزي جو خدشو، قبضو ختم ڪرائي اناج واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي

ٻي صورت ۾ ڪجھ ٿيو تہ ذميوار قبضا خور ۽ پوليس انتظاميا هوندي: علي نواز رند

جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو جي جڙيل شاہ مارڪيٽ ۾ قائم رند شاپنگ سينٽر جي مالڪ علي نواز رند دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي تہ ايوب ملاح، منير ملاح ۽ ٻين هٿياربندن صبح جو پنجين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

جيڪب آباد بار ايسوسيئيشن پاران قرواري واقعي جي مذمت

جيڪب آباد (رپورٽر) اوستا محمد ۾ قرواري واقعي خلاف جيڪب آباد بار ايسوسيئيشن جي سخت مذمت، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو اوستا محمد ۾ گذريل ڏينهن ايڊووڪيٽ بشير احمد عمراني جي پاءُ سان ٿيل قرواري واقعي خلاف اڄ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جي ڪابينا سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو
KTN

پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي جي مائٽن پاران گهر ۾ گهڙي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ جو الزام، عورت جو ٻچڙن سميت احتجاج

مسمات پرويزه ڌيءَ گلزار چھواڻ پنهنجي مرضي سان عزيز چھواڻ سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي

گهڙي هٿيارن جي زور تي ڪيس ۽ سندس ٻچڙن کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ عزيز چھواڻ بابت پڇا ڳاڇا ڪندا رهن ٿا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو لڳ ڳوٺ گل محمد مگسي جي رهواسڻ مسمات زينب زال اصغر علي چھواڻ پنهنجي معصوم ٻچڙن سميت دادو پريس ڪلب پهچي مسمات پرويزه ڌيءَ گلزار چھواڻ جي وارثن جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي پريس ڪانفرنس ڪئي. مسمات زينب چھواڻ ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو تہ مسمات پرويزه ڌيءَ گلزار چھواڻ پنهنجي مرضي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو پريس ڪلب ضلع دادو

سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس

اجلاس سنڌياڻي تحريڪ جي ضلعي آرگنائيزر مهرين پيٽي جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

اياز لطيف پليجي جي قيادت ۾ نڪرندڙ محبت سنڌ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس سنڌياڻي تحريڪ جي ضلعي آرگنائيزر مهرين پيٽي جي صدارت ۽ مرڪزي اڳواڻ ناهيد جوکي جي موجودگيءَ ۾ مڪلي ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ سنڌيا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سجاده نشين درگاه عاليہ لواري شريف نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

جنهن جي شروعات ادا آفتاب احمد جوڻيجو تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي

پروگرام جي صدارت مرڪزي صدر ناجيہ شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف محترم حبيب الله جوڻيجو جن ڪئي

بدين (رجب راهمون) ناجيہ شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف يونٽ سٽي بدين ۽ نشات تنظيم جماعت لواري شريف يونٽ سٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي مزار تي قومي اڳواڻن جي حاضري، قومي تراني سان پيٽا پيش

جوائنٽ سيڪريٽري علي انور چانديو ۽ ٻين قومي سائٿين شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي مزار تي حاضري ڀري

قومي اڳواڻن شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، فاتحہ خواني ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي مزار تي قومي اڳواڻن جي حاضري، قومي تراني سان پيٽا پيش ٺٽي پرسان ڳوٺ صالح /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دڙو ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، ٿاڻن کي باهہ: چار ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

مردن، عورتن ۽ ٻارن ماروي ملاح، نوران ملاح، بچائي ملاح، انيلا ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پڇاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو

مظاهرين احتجاج ختم ڪري روڊ ٽريفڪ لاءِ کوليو، جنهن کانپوءِ معمول واري صورتحال بحال ٿي وئي

دڙو (رپورٽر) دڙو ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، ٿاڻن کي باهہ: چار ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل دڙو: دڙو شهر ۾ ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڪوٽ غلام محمد بليدي ڪالوني واسي ريٽائرڊ فوجي الله لوڪ جت عوامي پريس ڪلب پهچي احتجاج

واپڊا جا آفيسر ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن آيون ريٽائرڊ فوجي آهيان

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ عبدالحميد کوسو) ڪوٽ غلام محمد بليدي ڪالوني واسي ريٽائرڊ فوجي الله لوڪ جت عوامي پريس ڪلب پهچ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڏوڪري پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان عام واهپي جون شيون چوٽ چڙهي ويون

عوام پريشان ۾ مبتلا تعلقي توڙي ضلعي انتظاميا اگهور ننڊ ستل

ڏوڪري پيٽرول جي اگهہ ۾ 378 رپين تائين واڌ کانپوءِ عام واهپي جي شين جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان عام واهپي جون شيون چوٽ چڙهي ويون. عوام پريشان ۾ مبتلا تعلقي توڙي ضلعي انتظا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي اسلام ڪوٽ جي پروارن ڳوٺن ۾ فوتين جي وفات تي تعزيت

اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ نڪٽو پهچي مرحوم وڏيرو الهجڙيو هنگورجو جي وفات تي پونئرن سان تعزيت ڪئي

ڳوٺ وي هنگورجا پهچي مرحوم ابوبڪر ولد محمد اسماعيل هنگورجو جي وفات تي پونئرن سان تعزيت ڪئي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ امان الله هنگورجو) پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي اسلام ڪوٽ جي پر وارن ڳوٺن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

جسقم آريسر گروپ جو ميرپورخاص_حيدرآباد روڊ تي ٽول پلازا وٽ احتجاجي ڌرڻو

سنڌ جي ورهاڱي خلاف ۽ قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ سخت نعريبازي

ڌرڻي سبب ميرپورخاص_حيدرآباد روڊ تي ٽريفڪ معطل، سوين گاڏيون بيهي رهيون

ميرپور خاص(بيوروچيف سومارسميجو) جسقم آريسر گروپ جو ميرپورخاص_حيدرآباد روڊ تي ٽول پلازا وٽ احتجاجي ڌرڻو سنڌ جي ورهاڱي خلاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٺٽي ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ "يومِ شهدا" ملهايو ويو

ٻين اڳواڻن پڻ ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو

سنڌن جدوجهد ۽ قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعلِ راهہ آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ "يومِ شهدا" ملهايو ويو_ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي پاران ايم آر ڊي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

چوهڙجمالي لڳ درگاه شاه يقيق تي گهمڻ آيل ڪراچي واسي نوجوان شاخ ۾ وهجندي ٻڏي ويو

ڪراچي جي ڪورنگي واسي 30 سالا نوجوان محمد اڪرم ستاواه شاخ ۾ وهجندي ٻڏي ويو

مقامي ٽوبن ۽ ڳوٺاڻن پاران ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڳولا بعد لاش هٿ ڪيو ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي لڳ درگاه شاه يقيق تي گهمڻ آيل ڪراچي واسي نوجوان شاخ ۾ وهجندي ٻڏي ويو. ڳولا کانپوءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ايم آر ڊي (جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ) جي شهيدن جو ڏينهن آهي: مجيب الحق

آمريتي گماشتن ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا شيل ۽ سڌين گولين جو استعمال ڪري 11 سنڌي جوڌن کي شهيد ڪيو هو

جنهن سبب سڄي شهر ۾ قيامت جو منظر هو، روڊ ۽ رستا شهيدن جي رت سان رنگجي ويا

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع دادو صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پيرمجيب الحق جلسي کي خطاب ڪندي چيو تہ 12/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

گهوڙاباري ۾ چورين ۽ منشيات خلاف احتجاج پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال

چوري ٿيل سامان 15 ڏينهن گذرڻ باوجود واپس نہ ٿيو شڪي ماڻهن جا نالا ڏيڻ باوجود پوليس ڪارروائي نہ ڪئي: مظاهرين

سندن ڳوٺ مان دڪان کي ڪاٽ هڻي لکين رپين جي چوري ٿيل سامان کي 15 ڏينهن گذري چڪا آهن

چوري بابت شڪي ماڻهن جا نالا پڻ پوليس کي فراهم ڪيا ويا آهن تنهن هوندي بہ سندن خلاف ڪا بہ اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي آهي

گهوڙاباري (رپورٽ شاه خالدڏاتاري) گهوڙاباري جي يوسي جاڙادالي ۾ وڌندڙ چورين جواءِ منشيات جي آزار خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس جي ڪارڪردگي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

قاري عبدالغفار سومرو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ تي سخت ڳڻتي جو اظهار

حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران روزانو پيٽروليم شين تي نوان ٽيڪس لاڳو ڪري مهانگائي جو سمورو بار عام شهرين تي منتقل ڪري رهي آهي

عالمي حالتن، خاص طور تي آمريڪا ۽ ايران جي جنگ کي جواز بڻائي پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي

رڳو دعوائن بدران عملي قدم کڻڻا پوندا ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻو پوندو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) تعلقي روهڙي جي امير قاري عبدالغفار سومرو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران روزان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي ويجهو اروڙ يونيورسٽي ۾ نون شاگردن لاءِ رنگارنگ فريشر فيسٽ، ثقافتي رنگن جي بهار

نئين تعليمي سيشن 2026 ع ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي آجيان لاءِ شاندار ۽ رنگارنگ فريشر فيسٽ منعقد ڪيو

جنهن ۾ يونيورسٽي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ويجهو اروڙ يونيورسٽي ۾ نون شاگردن لاءِ رنگارنگ فريشر فيسٽ، ثقافتي رنگن جي بهار تفصيل موجب روه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

بدردين قبرستان وٽ مبينا طور روڪي نامعلوم جوابدارن پاران لوهہ جي راڊن سان سخت تشدد جو ڪري ڇڏيا

بدردين قبرستان وٽ مبينا طور روڪي نامعلوم جوابدارن پاران لوهہ جي راڊن سان سخت تشدد جو ڪري ڇڏيا

بدردين قبرستان وٽان گذري رهيو هو تہ ڪيس روڪي تشدد ڪيو ويو، واقعي بعد متاثر نوجوان حد جي ٿاڻي تي پهچي رپورٽ/اين سي داخل ڪرائي ڇڏي

واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم سوئي ڪندر جي رهواسي نوجوان اسدالله ڏيرو کي پٽ شاه_ٽنڊوآدم روڊ پرسان بدردين قبرستان وٽ مبينا طور روڪي نامعلوم جوابدارن پاران لوهہ جي راڊن سان سخت تشدد جو ڪري ڇڏيا. تشدد ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سي پي ڊي آءِ پاران "ميڊيا جو ڪردار" جي عنوان سان هڪ آگاهي ورڪشاپ منعقد

جنهن ۾ صحت جي ماهرن، سول سوسائٽي، ميڊيا جي نمائندن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت

ناڪاري اثرن ۽ ملڪ ۾ قانون سازي ذريعي انهن تي پابندي لڳائڻ ۾ ميڊيا جي ڪردار تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو

جزوي طور تي هائيڊروجنيٽيڊ تيل انساني صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهن، جن ۾ موجود ٽرانس فيٽس مختلف خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻجي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيشيئيٽوز (سي پي ڊي آءِ) پاران "انساني صحت تي هائيڊروجنيٽيڊ تيل جا ناڪاري اثر ۽ انهن تي پابندي لڳائڻ ۾ ميڊيا جو ڪردار" جي عنوان سان هڪ آگاهي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي. ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

قمبر ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ورسي، قرآن خواني جو اهتمام

تقريب جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي پيپلز سيڪريٽريٽ قمبر ۾ قرآن خواني ڪرائي وئي

ايم آر ڊي جا شهيد جمهوريت جا امر ڪردار آهن، جن جون قربانيون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن

شهيدن جي مغفرت، بلند درجات ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

قمبر(رپورٽر) 12 سيپٽمبر 1983 ع تي ايم آر ڊي (تحريڪ بحالي جمهوريت) جي جدوجهد دوران خيرپور ناٿن شاه ۾ شهيد ٿي ويل جمهوريت پسندن جي ياد ۾ قمبر ۾ ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي موقعي تي پاڪس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سيوهڻ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول سيوهڻ جي نائين ڪلاس جي ڇت جا ڇاپڙ اوچتو ڪري پيا

هڪ شاگردياڻي سميرا هاليپوٽو معمولي زخمي، ٻيون شاگردياڻيون معجزاتي طور بچي ويون

متاثر شاگردياڻين واقعي خلاف تاريخ 11_09_2026 جي ڏينهن ڪلاس رومن کان ٻاهر نڪري سخت احتجاج ڪيو

اسان جو اسڪول انتهائي زبون حال آهي، اڄ ڪلاس هلندڙ هو ۽ موڪل کان پندرهن منٽ اڳ اوچتو ڪمري جي ڇت جا ڇاپڙ اسان جي مٿان ڪري پيا

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول سيوهڻ جي نائين ڪلاس جي ڇت جا ڇاپڙ اوچتو ڪري پيا، هڪ شاگردياڻي سميرا هاليپوٽو معمولي زخمي، ٻيون شاگردياڻيون معجزاتي طور بچي ويون. متاثر شاگردياڻين واقع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سيوهڻ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول سيوهڻ جي نائين ڪلاس جي ڇت جا ڇاپڙ اوچتو ڪري پيا

حيسڪو واپڊا جي غيرقانوني بجلي بندش ٺيڪيداري نظام خلاف سوئي گئس جي بندش شهر اندر پيئڻ جي پاڻي جي بندش خلاف اهم گڏجاڻي طلب

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سڄاڻ ڌرين طرفان جوڙيل "ڄامشورو عوامي اتحاد" طرفان تازو شهر اندر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات فروشي ۽ ڄامشورو حيسڪو واپڊا جي غيرقانوني بجلي بندش ٺيڪيداري نظام خلاف سوئي گئس جي بندش شهر اندر پيئڻ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

سيوهڻ شهر ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سلسلي ۾ جلسن جو سلسلو جاري

حضرت سائين مولوي قربان علي ڪلهوڙو پيش امام چاچا علي بخش لند مسجد سيوهڻ جن ڪرڻ فرمايو

اسان کي گهرجي تہ حضور ڪريم صلي الله وآلہ وسلم جي ولادت با سعادت شان ۽ مان سان ملهايون

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ شهر ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سلسلي ۾ جلسن جو سلسلو جاري ۽ ساري آهي. جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سلسلي ۾ پوڙڪي مسجد سولنگي محلہ لڳ درگاه حضرت قلندر لعل شهباز رحمت الله عليہ ۾ هڪ عظيم عاليشان جلسو مبارڪ ڏينهن اڄ جي رات 30 ربيع الاول جي رات تي گذريو جنهن ۾ خ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

اسلام ڪوٽ ۾ چوپائي مال لاءِ مفت طبي ڪيمپ جو انعقاد

مختلف بيمارين جي ڇڪاس سان گڏ ضرورت موجب مفت دوائون ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون

ڪيمپ ۾ شرڪت ڪري مالوندن جي جانورن جو معائنو ڪيو ۽ انهن کي علاج بابت ضروري صلاحون ڏنيون

مٺي/ٿرپارڪر: (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال جي صحت بابت اهم قدم کڻندي LCI ڪمپني پاران اسلام ڪوٽ ۾ چوپائي مال لاءِ مفت طبي ڪيمپ منعقد ڪئي وئي. جنهن دوران علائقي جي مالوندن جي 400 کان وڌيڪ جانورن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32